جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
ABC
CARTL
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر:
سيد گل شاه
جلد 16 | اربع 30 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 17 ربيع الثاني 1448ھ | قيمت: 20 | شمارو 349

وڏي وزير پاران چوڪنڊي ۾ ايس ايس يو هيڊ ڪوارٽر ۽ سيڪيورٽي ٽريننگ اڪيڊمي لاءِ 9.5 ارب رپين جي منظوري ڏئي ڇڏي

مراد علي شاهه ڪراچي جي علائقي چوڪنڊي ۾ تجويز ڪيل جديد ترين اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ (SSU) هيڊڪوارٽرز ۽ سيڪيورٽي ٽريننگ اڪيڊمي جو جائزو

جنهن جو مقصد سنڌ پوليس جي خصوصي سيڪيورٽي ۽ دهشتگردي جي روڪٿام جي تربيتي صلاحيتن کي قومي ۽ بين الاقوامي معيارن مطابق تبديل ڪرڻ آهي

وزيراعليٰ هائوس ۾ هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي وڏي وزير گڏيل سيڪيورٽي ڪمپليڪس جي جامع تجويز جو جائزو ورتو ۽ گهرو کاتي، پوليس کاتي، پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ کاتي ۽ فنانس کاتي کي هدايت

اهي تمام طريقيڪار جي گهرجن کي تيز ڪن ته جيئن منصوبي جو پهريون مرحلو (فيز۔ I) موجوده مالي سال دوران شروع ٿي سگهي

چوڪنڊي ۾ لڳ ڀڳ 29.43 ايڪڙن تي پکڙيل هڪ ٿي خاص مقصد لاءِ تيار ڪيل ڪيمپس ۾ گڏ ڪرڻ آهي جيڪو 3,000 کان وڌيڪ مردن ۽ 300 عورتن جي عملي کي جديد سهولتون فراهم ڪندو

اهي هاڻي جديد سيڪيورٽي چئلينجن، خاص ڪري خصوصي ڪمانڊو ٽريننگ، شهري جنگ جي تياري، سيموليشن تي ٻڌل مشقن ۽ ترقي يافته حڪمت عملي جي عملياتن کي مناسب طور تي حل نٿيون ڪن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪراچي جي علائقي چوڪنڊي ۾ تجويز ڪيل جديد ترين اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ (SSU) هيڊڪوارٽرز ۽ سيڪيورٽي ٽريننگ اڪيڊمي جو جائزو وٺندي، جنهن جو مقصد سنڌ پوليس جي خصوصي سيڪيورٽي ۽ دهشتگردي جي روڪٿام جي تربيتي صلاحيتن کي قومي ۽ بين الاقوامي معيارن مطابق تبديل ڪرڻ آهي، ان منصوبي جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

افغان زمين تان دهشتگردي جي هر ڪوشش جو سختي سان جواب ڏنو ويندو: عطاءُالله تارڙ

پاڪستان پرامن بقا لاءِ گڏيل تعاون تي يقين رکي ٿو. صرف امن ئي ترقي جو رستو آهي پر پاڪستان جي امن جي خواهش کي ڪمزوري نه سمجهيو وڃي

پاڪستان ڪيترن ئي ڏهاڪن کان افغان شهرين جي ميزباني ڪندو رهيو آهي. افغان عوام ۽ افغان حڪومت جي نظريات ۾ فرق آهي

افغانستان جي عوام حق رکي ٿي ته انهن کي حق ملن ۽ معاشي بهتري ملي سگهي افغانستان ۾ دهشتگردن جا نڪاٽا آهن. افغان حڪومت کي دهشتگردي جي مائنڊ سيٽ مان نڪرڻو پوندو

جيڪڏهن دهشتگردي جي مائنڊ سيٽ جي ڪري افغان حڪومت کي معاشي خوشحالي نٿي ملي ته اها افغان عوام سان زيادتي هوندي

افغانستان ۾ امن انهي صورت ۾ ٿي سگهي ٿو جڏهن افغان عبوري حڪومت دهشتگردي کي مسئلو سمجهي

افغان عبوري حڪومت کي اهو به سمجهڻو پوندو ته تعليم کان سواءِ ڪو به معاشرو ترقي نٿو ڪري سگهي امن قائم ڪرڻ جي لاءِ پاڪستان هتان کان وفد به افغانستان اماڻيا آهن

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير اطلاعات عطاءُالله تارڙ چيو آهي ته افغان زمين تان دهشتگردي جي هر ڪوشش جو سختي سان جواب ڏنو ويندو. وفاقي راڄڌاني ۾ انٽرنيشنل پارليامينٽيريز ڪانگريس سان ڳالهيون ڪندي وفاقي وزير اطلاعات عطاءُالله تارڙ چيو آهي ته پاڪستان پرامن بقا لاءِ گڏيل تعاون تي يقين رکي ٿو صرف امن ئي ترقي جو رستو آهي پر پاڪستان جي امن جي خواهش کي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين دهشتگردن خلاف ڪارروايون ڀرپور نموني جاري رهنديون: شهباز شريف

صدرِ مملڪت ۽ وزيراعظم پاران دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراجِ تحسين پيش

پاڪستان جي امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائيندڙ عنصرن کي سندن ناپاڪ مقصدن ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو

سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن اثرائتي حڪمتِ عملي اختيار ڪندي دهشتگردن جا ناپاڪ ارادا ناڪام بڻائي ڇڏيا

اسلام آباد (بيورو) صدرِ مملڪت آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف بلوچستان ۽ خيبرپخ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

لنڊن: وزيراعظم شهباز شريف سان پرڏيهي وفد ملاقات ڪندي

موجودا نظام تحت پاڪستان وڌيڪ نٿو هلي سگهي: وفاقي وزير

ڪراچي ۾ ايم ڪيو ايم اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال سان پاڪستان قبائل موومينٽ جي عهديدارن ملاقات ڪئي

پيپلز پارٽي 18 سالن کان ڪراچي ۽ حيدرآباد جي عوام تي ظلم ڪري رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) متحدا قومي موومينٽ پاڪستان جي اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته موجودا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: وفاقي وزيراعظم نذير تارڙ فورسڪ ليبارٽري جو دورو ڪندي

نيب احتساب عدالت جي 8 آڪٽوبر 2025ع واري حڪم کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو) جعلي بئنڪ اڪائونٽ ڪيس ۾ نيب احتساب عدالت جي 8 آڪٽوبر /2/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

سينيئر وڪيل احسن ڀون ڪيپٽن (ر) صفدر کي 5 ارب رپين جي هرجاڻي جو قانوني نوٽيس موڪلي ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو) سينيئر وڪيل احسن ڀون حڪمران جماعت مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ ڪيپ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

پيٽروليم ڊويزن پهرين جولاءِ 2027 کان ملڪ ۾ هڪجهڙو گئس ٽيرف لاڳو ڪرڻ لاءِ آءِ ايم ايف کان منظوري وٺڻ جو فيصلو

ڪراس سبسڊي وارو نظام ختم ڪري گهٽ آمدني وارن گهرن لاءِ هدف واري مالي مدد جي خاطر لڳ ڀڳ 162 ارب رپيا مختص ڪرڻا پوندا

تجويز ڪيل سڌارن تحت پاڪستان ۾ لاڳو گئس جي 12 سليبس تي ٻڌل ٽيرف نظام ختم ڪيو ويندو

اسلام آباد (بيورو) پيٽروليم ڊويزن پهرين جولاءِ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

وفاقي آئيني عدالت اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو 31 ڊسمبر 2024ع وارو فيصلو ڪالعدم قرار

جنسي عنصر ڪانسواءِ شڪايت وفاقي محتسب جي دائري ۾ نٿي اچي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي آئيني عدالت اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو 31 ڊسمبر 2024ع وارو فيصلو ڪالعدم قرار ڏيندي صدر جو حڪم بح/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

آصف علي زرداري سان گهرو وزير محسن نقوي اهم ملاقات

آصف علي زرداري ۽ گهرو وزير محسن نقوي وچ ۾ اهم ملاقات بلاول هائوس ڪراچي ۾ ٿي

ملاقات دوران ملڪ جي مجموعي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ڪراچي(رپورٽر) صدر مملڪت آصف علي زرداري سان گهرو وزير محسن نقوي اهم ملاقات ڪئي ذريعن موجب صدر مملڪت آصف علي زردار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي ۽ وفاقي وزير امير مقام جي ملاقات

پشاور(م د) خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي ۽ وفاقي وزير امير مقام جي ملاقا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

پيٽرول مهانگو ٿيڻ سبب هاڻ ٽرين تي سفر شروع ڪري ڇڏيو آهي: گورنر سنڌ

هونئن به ڪفايت شعاري مهم جي سلسلي ۾ اسان جي بجيٽ کي به گهٽ ڪيو ويو آهي

ڪير به گهرائي ٿو ته اسان چوندا آهيون ته ڪفايت شعاري مهم آهي، ڪفايت شعاري جي چڪر ۾ اسان ڪيترين ئي شين ۽ سفر ڇڏي ڏنا آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر محمد نهال هاشم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

لاهور: وزيراعلي بلوچستان ۽ وفاقي وزير ريلوي جناح پيپلز ميٽروٽرين سروس جو افتتاح ڪندي

پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن جهڪڻ بدران جمهوريت جي بحالي لاءِ پرامن مزاحمت جو رستو اختيار ڪيو: بلاول ڀٽو

29 سيپٽمبر 1983ع تي پنهل خان چانڊيو ۾ شهيد ٿيل 16 جيالن عوام جي حڪمراني جي حق، آئين ۽ جمهوريت خاطر پنهنجون جانيون قربان ڪيون

عوام جي حڪمراني جي حق کي دٻائي نٿو سگهجي. آمريت جي ڪاري دور ۾ پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن جبر آڏو جهڪڻ بدران جمهوريت جي بحالي لاءِ پرامن مزاحمت جو رستو اختيار ڪيو

پنهل خان چانڊيو جا 16 شهيد، شهيد ٿارو چانڊيو، شهيد رجب علي چانڊيو ۽ شهيد علي شير چانڊيو، اسان جي دلين ۾ زنده رهندا

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري تحريڪ بحالي جمهوريت دوران ڳوٺ پنهل خان چانڊيو ۾ شهيد ٿيل 16 جيالن کي خراجِ عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته آمريت جي ڪاري دور ۾ پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن جبر آڏو جهڪڻ بدران جمهوريت جي بحالي لاءِ پرامن مزاحمت جو رستو اختيار ڪيو پ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا جي مختلف علائقن ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائين دوران 7 دهشتگرد مارجي ويا

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراجِ تحسين پيش

عوام جي مڪمل سهڪار سان ملڪ جي ڌرتي تان خوارجين ۽ دهشتگردي جي ناسور جو مڪمل خاتمو ڪري ساهه پٽينداسين: گهرو وزير

ضلعي چاغي جي علائقي نوڪچ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي دوران 2 دهشتگرد مارجي ويا

اسلام آباد (بيورو) بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا جي مختلف علائقن ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائين دوران 7 دهشتگرد مارجي ويا. جڏهن ته وفاقي گهرو وزير محسن نقوي خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

وفاقي وزيراعظم نذير تارڙ پي ٽي آءِ کي سنجيدا ڳالهين جي صلاح ڏئي ڇڏي

حڪومت پي ٽي آءِ سان ڳالهين کان انڪار ناهي ڪيو، پر پي ٽي آءِ ڳالهين دوران پنهنجي اڳواڻ جي آزادي چاهي ٿي: اعظم نذير تارڙ

جنهن بابت ڪيترائي پيرا ٻڌائي چڪا آهيون ته ان جو فورم حڪومت نه عدالت آهي

قانوني ۽ آئيني طريقيڪار موجود هئڻ باوجود جيڪڏهن جلسن، جلوسن ۽ شهرن تي چڙهائي ڪري باني جي آزادي ڪرائڻ چاهين ٿا

اسلام آباد (بيورو) قانون واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ پاڪستان تحريڪِ انصاف (پي ٽي آءِ) کي سنجيدا ڳالهين جي صلاح ڏئي ڇڏي. هڪ بيان ۾ اعظم نذير تارڙ چيو ته حڪومت پي ٽي آءِ سان ڳالهين کان انڪار ناهي ڪيو، پر پي ٽي آءِ ڳ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

اسلام آباد: وفاقي وزير اورنگزيب کچي سان پرڏيهي سفير ملاقات ڪندي

پاڪستان ۽ چين جي دوستي اعتماد، احترام ۽ گڏيل سهڪار تي ٻڌل آهي: يوسف رضا گيلاني

ڪنفيوشس جون تعليمون اڄ به علم، سکيا، دوستي، هم آهنگي ۽ باهمي احترام جي حوالي سان غيرمعمولي اهميت رکن ٿيون

ڪنفيوشس جون تعليمون اڄ به علم ۽ سکيا، دوستي، هم آهنگي ۽ باهمي احترام جي حوالي سان وڏي اهميت رکن ٿيون

2026ع ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ سفارتي لاڳاپن جي قيام کي 75 سال مڪمل ٿي رهيا آهن

قوفو(م د) پاڪستان ۽ چين جي دوستي اعتماد، احترام ۽ گڏيل سهڪار تي ٻڌل آهي: يوسف رضا گيلاني سينيٽ جي چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته پاڪستان ۽ چين جي دوستي اعتماد، گڏيل احترام، سهڪار ۽ امن توڙي ترقي جي گڏيل عزم تي ٻڌل آهي. جڏهن ته ڪنفيوشس جون تعليمون اڄ به علم، سکيا، دوستي، هم آهنگي ۽ باهمي احترام جي حوالي سان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

18هين آئيني ترميم ڪجهه به ڏئي نه سگهي، تنهن ڪري نون انتظامي يونٽن ڏانهن وڃڻو پوندو: علي خورشيدي

سندس اهي ڳالهيون سنڌ ۾ نون انتظامي يونٽن ۽ اختيارن جي ورڇ بابت جاري بحث جي پسمنظر ۾ سامهون آيون آهن

جشنِ اردو هڪ ساليانو پروگرام آهي، جنهن ۾ مشاعرو، بيت بازي، مڪالمو ۽ ٻيا پروگرام ٿيندا آهن

اڄ بيت بازي جو موضوع پڻ انتظامي يونٽ آهي. عالمي رسالن ۾ ٻڌايو پيو وڃي ته ڪراچي هاڻي دنيا جو ٽيون بدترين شهر آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي ۾ ايم ڪيو ايم جي مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي چيو آهي ته 18هين آئيني ترميم ڪجهه به ڏئي نه سگهي، تنهن ڪري نون انتظامي يونٽن ڏانهن وڃڻو پوندو. سندس اهي ڳالهيون سنڌ ۾ نون انت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

اسان وٽ احتجاج ڪانسواءِ ٻيو ڪو رستو ناهي: بئرسٽر گوهر

آئيني ۽ قانوني حق استعمال ڪندي 4 آڪٽوبر تي لانگ مارچ ڪنداسين

پي ٽي آءِ هڪ پرامن جماعت آهي ۽ آئيني ۽ قانوني حق استعمال ڪندي 4 آڪٽوبر تي لانگ مارچ ڪيو ويندو

پشاور(م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بئرسٽر گوهر چيو آهي ته اسان وٽ احتجاج ڪانسواءِ ٻيو ڪو رستو ناهي. آئيني ۽ قانوني /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

جيستائين عمران خان نه چوندو، تيستائين سهيل آفريدي وڏو وزير رهندو: جنيد اڪبر

تحريڪ انصاف لاءِ تياري جو لفظ ڪا خاص معنيٰ نٿو رکي

تحريڪ انصاف لاءِ تياري جو لفظ ڪا خاص معنيٰ نٿو رکي

پشاور(م د) تحريڪ انصاف جي اڳواڻ جنيد اڪبر چيو آهي ته جيستائين عمران خان نه چوندو، تيستائين سهيل آفريدي وڏو وزير رهندو. تحري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ڪراچي ۾ گرينڊ خدمت مرڪز قائم ڪرڻ جو فيصلو پاسپورٽ کان لائسنس تائين سهولتون هڪ ئي هنڌ ملنديون

گرينڊ خدمت مرڪز ۾ گهرو وزارت سان لاڳاپيل سمورن ادارن جا ڪائونٽرز موجود هوندا: محسن نقوي

جتي شهرين کي پاسپورٽ، سڃاڻپ ڪارڊ، هٿيارن جا لائسنس، مختلف اين او سيز ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪيون وينديون

خدمت مرڪز ۾ شهرين کي مختلف سرڪاري سهولتون هڪ ئي هنڌ فراهم ڪرڻ جو انتظام ڪيو ويندو

مرڪز جي قيام لاءِ سمورا ضروري قدم يقيني بڻائڻ جون پڻ هدايتون جاري ڪيون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي وفاقي گهرو وزير محسن نقوي آءِ آءِ چندريگر روڊ تي گهرو وزارت جي آفيس جو دورو ڪيو، جتي گرينڊ خدمت مرڪز جي قيام بابت انتظامن جو جائزو ورتو محسن نقوي چيو ته گرينڊ خدمت مرڪز ۾ گهرو وزار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ٽي آءِ انڊونيشيا جي وفد جو سنڌ انفارميشن ڪميشن جو دورو، معلومات جي حق وارن قانونن تي خيالن جي ڏي وٺ

عوامي ادارن وٽ موجود معلومات تائين شهرين جي رسائي کي آسان بڻائڻ لاءِ موجود طريقيڪار ۽ ضابطن بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

وفد جو استقبال سنڌ انفارميشن ڪميشن جي انفارميشن ڪمشنرن محمد سليم خان ۽ نور محمد دايو ۽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ذوالفقار علي شيخ ڪيو

وفد ۾ ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل انڊونيشيا جي پروگرام آفيسر محترمه ازا اڪبراني ۽ پراجيڪٽ آفيسر گيتا آيا اتيڪاه شامل هيون

شهرين پاران صوبي جي سرڪاري کاتن توڙي ٻين عوامي ادارن کان معلومات حاصل ڪرڻ جي طريقيڪار بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

ڪراچي(رپورٽر) ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل انڊونيشيا جي هڪ وفد سنڌ انفارميشن ڪميشن (SIC) جو دورو ڪيو، جتي صوبي ۾ سنڌ ٽرانسپيرنسي اينڊ رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2016 جي لاڳو ٿيڻ، تجربن ۽ چاڻ جي متاست/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪراچي: ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل انڊونيشيا جي هڪ وفد سنڌ انفارميشن ڪميشن جي دوري دوران نڪتل گروپ فوٽو

آصف شيخ ايم ڊي ڪيٽ امتحان ۾ 180 مان 157 نمبر حاصل ڪيا

ايم ڊي ڪيٽ امتحان شفاف طريقي سان منعقد ڪيو ويو: آصف احمد شيخ

سوشل ميڊيا تي سنڌس ڌيءَ جي نمبرن بابت غلط اطلاع ڦهلايا ويا

سکر (رپورٽر) سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر آصف احمد شيخ جي ڌيءَ بينظير آصف شيخ جي ايم ڊي ڪيٽ ۾ 17/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

مري ۾ سائن روڊ مسياڙي وٽ خانگي اسڪول جي وين کاهيءَ ۾ ڪرڻ ڪانپوءِ باهه جي لپيٽ ۾ اچي وئي

مري (م د) مري ۾ سائن روڊ مسياڙي وٽ خانگي اسڪول جي وين کاهيءَ ۾ ڪرڻ ڪانپوءِ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

نادرا شهرين لاءِ بايوميٽرڪ ڊيٽا مفت اپڊيٽ ڪرائڻ جي سهولت شروع

اک جي پتلي (آئرس) جي اسڪين سميت بايوميٽرڪ معلومات مفت اپڊيٽ ڪرائي سگهن ٿا

بايوميٽرڪ معلومات جي تجديد سان سڃاڻپ جي چوري روڪڻ ۾ مدد ملندي

ڪراچي(رپورٽر) نيشنل ڊيٽابيس اينڊ رجسٽريشن اٿارٽي (نادرا) شهرين لاءِ بايوميٽرڪ ڊيٽا مفت اپڊيٽ ڪرائڻ جي سهولت شروع ڪر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ افغان ميڊيڪل شاگردن کي ملڪ بدر ڪرڻ خلاف درخواستن تي ٻڌڻي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ افغان ميڊيڪل شاگردن کي ملڪ بدر ڪرڻ خلاف درخ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ڪوڪين ڪوئن انمول عرف پنڪي ۽ ٻين جوابدارن خلاف منشيات جي ڪيسن جي ٻڌڻي

ڪراچي(رپورٽر) جوڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ ڪوڪين ڪوئن انمول عرف پنڪي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

ايمان مزاري ۽ سندس مڙس هادي علي چٺا خلاف پوليس تي تشدد جي ڪيس ۾ فرد جرم لاڳو ڪرڻ لاءِ تاريخ مقرر

اسلام آباد (بيورو) ايمان مزاري ۽ سندس مڙس هادي علي چٺا خلاف پوليس تي تشدد جي ڪيس ۾ فرد جرم لاڳو ڪرڻ لاءِ تاريخ مق/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

لاهور: صوبائي وزير ليبر محمد منشا الله بٽ ۽ وفاقي وزير چيڪ تقسيم ڪندي

گرين لائن بس ريپڊ ٽرانزٽ جي ڪيترن ئي اسٽيشنن تي لڳل برقي ڏاڪڻيون ۽ لفٽون خراب

ڪجهه اسٽيشنن تي برقي ڏاڪڻيون صحيح حالت ۾ هجڻ باوجود استعمال نه پيون ڪيون وڃن

ڪيترن ئي هنڌن تي برقي ڏاڪڻين جون ريلنگون ۽ ٻيو سامان ٽٽل ۽ خراب حالت ۾ آهي

ڪراچي(رپورٽر) گرين لائن بس ريپڊ ٽرانزٽ جي ڪيترن ئي اسٽيشنن تي لڳل برقي ڏاڪڻيون ۽ لفٽون خراب هجڻ سبب مسافرن کي ڏکيائين ڪي م/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

مير رضا ڪيس جي جاچ لاءِ قائم ڪيل عدالتي ڪميشن ۾ مقتول جي وارثن جي وڪيل سينيئر پوليس آفيسرن بابت لکت ۾ سوال جمع ڪرائي ڇڏيا

ڪراچي(رپورٽر) مير رضا ڪيس جي جاچ لاءِ قائم ڪيل عدالتي ڪميشن ۾ مقتول جي وارثن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

خيبرپختونخوا حڪومت گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ لاءِ گهربل سمورا عنصر فراهم ڪري چڪي آهي: اختيار ولي

اهو وقت به ايندو جڏهن صوبائي اسيمبلي ٽوڙڻي پوندي ۽ وچ مدي وارين چونڊن ڏانهن وڃڻو پوندو

گورنر راڄ ان وقت لاڳو ٿيندو آهي، جڏهن آئيني مشينري ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏئي: شوڪت يوسفزئي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم جي خيبرپختونخوا لاءِ اطلاعات واري ڪوآرڊينيٽر اختيار ولي چيو آهي ته خيبرپختونخوا حڪومت گورنر /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

سي ويو پرسان سمنڊ ۾ ٻيڙي اونڌي ٿيڻ واري واقعي ۾ ٻڏي ويل ٽئين مهاڻي جو لاش به هٿ اچي ويو

فوت ٿيلن جي سڃاڻپ عبدالسلام، منا ۽ سعيد جي نالن سان ڪئي وئي

5 مهاڻن تي ٻڌل ٻيڙي گذريل ڏينهن مڇي مارڻ لاءِ ويندي حادثي جو شڪار ٿي هئي

ڪراچي (رپورٽر) سي ويو پرسان سمنڊ ۾ ٻيڙي اونڌي ٿيڻ واري واقعي ۾ ٻڏي ويل ٽئين مهاڻي جو لاش به هٿ اچي ويو ايڌي ترجمان موجب تنهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل ويڪٽر بورن ڊيزيز (VBDs) سنڌ پاران پهرين جنوري کان 29 سيپٽمبر 2026ع تائين پوري سنڌ جي مليريا جو تفصيلي ڊيٽا جاري

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل ويڪٽر بورن ڊيزيز (VBDs) سنڌ پارا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

اينٽي نارڪوٽڪس فورس پورٽ قاسم جي قاسم انٽرنيشنل ڪنٽينر ٽرمينل تي ڪارروائي

دبئي کان آيل شڪي ڪنٽينر مان وڏي مقدار ۾ پرڏيهي شراب ۽ بيئر هٿ ڪري ورتي

ڪنٽينر دبئي کان لاهور موڪليو ويو هو ۽ دستاويزن ۾ ان ۾ مس پرنٽ ٿيل ڪاغذ جا رول ظاهر ڪيا ويا هئا

شڪي سامان جي بنياد تي ڪنٽينر روڪي تلاشي ورتي وئي ته وڏي انگ ۾ شراب جون بوتلون ۽ بيئر جا ڪين هٿ ڪيا ويا

ڪراچي(رپورٽر) اينٽي نارڪوٽڪس فورس (اي اين ايف) پورٽ قاسم جي قاسم انٽرنيشنل ڪنٽينر ٽرمينل تي ڪارروائي ڪندي دبئي کان آيل شڪي ڪنٽينر مان وڏي مقدار ۾ پرڏيهي شراب ۽ بيئر هٿ ڪري ورتي اي اين ايف ذريعن موجب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

اسلام آباد: وفاقي سيڪريٽري شاهد اقبال بلوچ سان پرڏيهي سفير ملاقات ڪندي

جيڪو پاڪستان جي آئين کي نه مڃيندو، ان سان ڪا ڳالهه نه ٿيندي: فيصل ڪريم ڪنڊي

پي ٽي آءِ لانگ مارچ نٿي ڪري سگهي، اها هن وقت اسلام آباد وڃڻ کان لڪي رهي آهي

خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي تي ضابطو آندو وڃي، دهشتگردن ۽ انهن جي سهولتڪارن کي نه ڇڏيو ويندو

خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي تي ضابطو آڻڻ پي ٽي آءِ جي وس جي ڳالهه ناهي

پشاور(م د) خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته جيڪو پاڪستان جي آئين کي نه مڃيندو، ان سان ڪا ڳالهه نه ٿيندي. اسان کي پاڪستان ۽ خيبرپختونخوا ۾ امن قائم ڪرڻو آهي ميڊيا سان ڳالهائيندي فيصل ڪريم /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
اربع 30 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 17 ربيع الثاني 1448ھ

قرض جي قيمت خودمختياري ته ناهي؟

هڪ آزاد ۽ خودمختيار رياست لاءِ معاشي استحڪام، مالي نظم ۽ ٽيڪس نظام ۾ شفافيت يقيناً ضروري آهن. پر جڏهن ڪنهن ملڪ جي معاشي پاليسي ايتري حد تائين ٻاهرين قرض ڏيندڙ ادارن جي شرطن سان ڳنڍجي وڃي جو رياست جي اهم انتظامي ۽ مالي معاملن تائين به ٻاهرين نگراني ۽ رسائي جو سوال پيدا ٿيڻ لڳي، تڏهن اهو معاملو رڳو قرض، ٽيڪس يا بجيٽ جو نه رهندو آهي. پر ان جو تعلق رياستي خودمختياري، شهرين جي رازداري ۽ قومي ادارن جي اختيارن سان پڻ جڙي ويندو آهي. پاڪستان هن وقت اهڙي ئي حساس معاشي صورتحال مان گذري رهيو آهي، جتي آءِ ايم ايف سان جاري پروگرام جي شرطن ۽ سڌارن جو دائرو ڏينهون ڏينهن وڌندڙ نظر اچي ٿو. آءِ ايم ايف جي موجوده پروگرام ۾ مالياتي استحڪام، ٽيڪس آمدني وڌائڻ، توانائي شعبي جي سڌارن ۽ حڪمراني ۾ شفافيت جهڙن معاملن کي اهميت ڏني وئي آهي.

آءِ ايم ايف سان ڳالهين دوران سرڪاري آفيسرن جي اثاثن ۽ بئنڪ اڪائونٽن سان لاڳاپيل معاملن جو ذڪر سامهون اچڻ ان ڪري به اهم آهي، ڇاڪاڻ ته بئنڪ اڪائونٽ ڪنهن به شهري جي ذاتي مالي معلومات جو انتهائي حساس حصو هوندا آهن. ڪرپشن، ناجائز اثاثن ۽ مني لانڊرنگ خلاف ڪارروائي لاءِ سرڪاري ادارن کي قانون موجب مالي معلومات تائين رسائي حاصل هجڻ گهرجي، پر ان رسائي جو طريقو ان جي حد، قانوني اختيار ۽ معلومات جي حفاظت جا اصول به اوترا ئي اهم آهن. خود آءِ ايم ايف جي دستاويزن ۾ اعليٰ سرڪاري آفيسرن جي اثاثن کي ڊجيٽل طور جمع ڪرائڻ ۽ عوامي طور دستياب ڪرڻ سان گڏ ذاتي ۽ رازداري واري معلومات جي تحفظ لاءِ مناسب پابندين جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

اصل سوال اهو آهي ته ڇا معاشي بحران مان نڪرڻ لاءِ قرض وٺندڙ ملڪ کي پنهنجي هر انتظامي ۽ مالي فيصلي کي قرض ڏيندڙ اداري جي شرطن سان ڳنڍي ڇڏڻ گهرجي؟ يا معاشي مدد وٺندي به رياست کي پنهنجي قانوني، آئيني ۽ ادارتي خودمختياري جي حدن کي واضح رکڻ گهرجي؟ قرض وٺڻ بذاتِ خود ڪو غيرمعمولي عمل ناهي. دنيا جا ڪيترائي ملڪ عالمي مالياتي ادارن کان قرض وٺن ٿا، پر قرض هڪ مالي اوزار آهي، رياست جي مستقل حڪمراني جو متبادل نه. قرض جي واپسي سان گڏ جيڪڏهن اهڙا شرط وڌندا وڃن جيڪي ملڪ جي پاليسي سازي جي آزادي کي محدود ڪن ته پوءِ حڪومت لاءِ ضروري ٿي وڃي ٿو ته هو هر شرط جو قومي مفاد، قانون ۽ عوامي حقن جي روشني ۾ جائزو وٺي.

پاڪستان جي مسئلي جو هڪ وڏو سبب اهو به آهي ته ملڪ ڪيترن ئي سالن کان آمدني ۽ خرچ جي وچ ۾ موجود فرق، گهٽ ٽيڪس بنياد، توانائي شعبي جي مسئلن، سرڪاري ادارن جي مالي بار ۽ قرضن جي ادائيگين جي دٻاءَ کي مستقل بنيادن تي حل ڪرڻ بدران بار بار هنگامي مالي سهارن ڏانهن ويو آهي. آءِ ايم ايف جي موجوده پروگرام ۾ به ٽيڪس نظام، سرڪاري ماليات، توانائي ۽ حڪمرانيءَ جي سڌارن کي اهميت ڏني وئي آهي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي آمدني جا وسيلا مضبوط ڪري، ٽيڪس چوري روڪي، اشرافيه ۽ عام شهري لاءِ قانون جو هڪجهڙو اطلاق يقيني بڻائي ۽ سرڪاري خرچن ۾ فضول خرچي ختم ڪري ته ٻاهرين قرض تي ڀاڙڻ جي ضرورت به آهستي آهستي گهٽجي سگهي ٿي.

ساڳئي وقت ڪرپشن ۽ ناجائز دولت خلاف شفاف نظام قائم ڪرڻ جي ضرورت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن ڪنهن سرڪاري آفيسر وٽ سندس قانوني آمدني کان وڌيڪ اثاثا آهن ته ان جي جاچ ٿيڻ گهرجي، ۽ جيڪڏهن بئنڪ اڪائونٽن ذريعي غيرقانوني مالي سرگرمي جا ثبوت ملن ته قانوني ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. پر اهو ڪم پاڪستان جي پنهنجي آئين، قانونن ۽ بااختيار ادارن ذريعي ٿيڻ گهرجي. سوال اهو ناهي ته شفافيت گهرجي يا نه؛ سوال اهو آهي ته شفافيت جو نظام ڪير هلائيندو، معلومات تائين ڪهڙي حد تائين رسائي هوندي ۽ شهرين جي ذاتي معلومات کي غلط استعمال کان ڪيئن محفوظ رکيو ويندو.

آءِ ايم ايف جي دستاويزن ۾ به بئنڪن کي اعليٰ سرڪاري آفيسرن جي اثاثن جي اعلانن تائين رسائي ۽ مني لانڊرنگ خلاف نظام کي مضبوط ڪرڻ بابت قدمن جو ذڪر آهي. ساڳئي دستاويزن ۾ ذاتي ۽ رازداري واري معلومات جي تحفظ لاءِ پابندين جي ضرورت پڻ واضح ڪئي وئي آهي. تنهنڪري پاڪستان لاءِ اصل چئلينج اهو هجڻ گهرجي ته هو شفافيت ۽ رازداري، احتساب ۽ قانوني تحفظ، معاشي اصلاح ۽ قومي خودمختياري وچ ۾ اهڙو توازن پيدا ڪري، جنهن سان نه ڪرپشن کي تحفظ ملي ۽ نه ئي ڪنهن ٻاهرين شرط جي نالي تي شهرين جي بنيادي حقن کي نظرانداز ڪيو وڃي.

هڪ خودمختيار رياست جي طاقت رڳو پنهنجي فوج، سرحدن يا سفارتي حيثيت ۾ نه هوندي آهي؛ معاشي خودمختياري پڻ قومي خودمختياري جو اهم حصو آهي. جيڪو ملڪ پنهنجي آمدني پيدا ڪرڻ جي قابل نه هجي، پنهنجي خرچن کي ڪنٽرول نه ڪري سگهي، پنهنجي صنعت ۽ زراعت کي مضبوط نه ڪري سگهي ۽ بار بار قرض لاءِ ٻاهر ڏسي، ان جي سياسي ۽ معاشي فيصلا سازي تي دٻاءُ وڌڻ جو امڪان ضرور پيدا ٿئي ٿو. تنهنڪري پاڪستان لاءِ ڊگهي مدي وارو حل اهو هجڻ گهرجي ته ملڪ قرض وٺڻ کان اڳ پنهنجي معيشت جي بنيادي ڪمزورين کي درست ڪري.

اسان کي اهو به ڏسڻو پوندو ته آءِ ايم ايف کان حاصل ٿيندڙ رقم آخرڪار ڪهڙي مقصد لاءِ استعمال ٿئي ٿي. جيڪڏهن قرض صرف پراڻا قرض لاهڻ، خسارو پورو ڪرڻ ۽ نئين قرض لاءِ جاءِ پيدا ڪرڻ ۾ خرچ ٿيندو رهيو ته مسئلو ختم نه ٿيندو. پر جيڪڏهن ساڳئي عرصي ۾ برآمدات وڌايون وڃن، توانائي جو بحران حل ڪيو وڃي، ٽيڪس چوري ختم ڪئي وڃي، زرعي ۽ صنعتي پيداوار وڌائي وڃي، سرڪاري ادارن جي نقصان کي گهٽايو وڃي ۽ نوجوانن لاءِ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪيا وڃن ته ملڪ آهستي آهستي قرض جي دائري مان ٻاهر نڪري سگهي ٿو.

پاڪستان کي شفافيت جي ضرورت آهي، احتساب جي ضرورت آهي ۽ مالي نظم جي به ضرورت آهي، پر اهي سڀ ڪم پنهنجي آئيني ۽ قانوني ادارن کي مضبوط ڪري حاصل ڪرڻ گهرجن. ڪنهن به عالمي اداري سان معاهدو ڪندي اهو اصول نظرانداز نه ٿيڻ گهرجي ته پاڪستان جا وسيلا، پاڪستان جي شهرين جي ذاتي معلومات ۽ پاڪستان جي ادارن جا اختيار قانون ۽ آئين جي دائري اندر محفوظ رهن.

اڄ جو بنيادي سوال اهو ناهي ته آءِ ايم ايف سان رابطو رکڻ گهرجي يا نه، ڇو ته موجوده معاشي حقيقتن ۾ عالمي مالياتي سهڪار پاڪستان جي مالي نظام جو حصو بڻجي چڪو آهي. بنيادي سوال اهو آهي ته ڇا پاڪستان اهڙي معيشت تعمير ڪرڻ جي قابل ٿيندو، جنهن ۾ مستقبل ۾ هر بحران وقت نئين قرض لاءِ ٻاهرين دروازن ڏانهن نهارڻ جي مجبوري گهٽجي وڃي. جيڪڏهن رياست واقعي خودمختيار معاشي مستقبل چاهي ٿي ته ان کي قرضن کان وڌيڪ پنهنجي پيداوار، برآمدات، ٽيڪس نظام، صنعت، زراعت، توانائي ۽ انساني وسيلن تي ڌيان ڏيڻو پوندو.

خودمختياري جو اصل مطلب اهو آهي ته ملڪ عالمي ادارن سان سهڪار به ڪري، قرض به وٺي سگهي، سڌارا به آڻي، پر پنهنجي آئين، قانون، عوام جي حقن ۽ شهرين جي رازداري جي حفاظت لاءِ واضح حدون پڻ قائم رکي. معاشي بحران مان نڪرڻ جو رستو ضرور آهي، پر اهو رستو اهڙو هجڻ گهرجي جنهن جي آخر ۾ پاڪستان وڌيڪ مضبوط، وڌيڪ خودمختيار ۽ پنهنجي معاشي فيصلن ۾ وڌيڪ بااختيار هجي، نه ته قرض جي هڪ چڪر مان نڪري ٻئي چڪر ۾ داخل ٿيندو رهي.

ويا مور مري، هنج نه رهيو هيڪڙو

ڪنڌڙ. بابو جان هنگورجو

ويا مور مري، هنج نه رهيو هيڪڙو
وطن ٿيو ويري، ڪوڏ نه رهي ڪوڪ ۾

لاڙ جي مٽيءَ ۾ ڪي اهڙا ماڻهو به جنم وٺندا آهن، جيڪي پنهنجي دولت يا زمينن کان وڌيڪ پنهنجي ڪردار، سخاوت، سادگيءَ ۽ ماڻهن سان محبت جي ڪري سڃاتا ويندا آهن. وقت گذري ويندو آهي، ماڻهو هليا ويندا آهن، پر انهن جا ڪردار ۽ يادون سندن علائقي جي ماڻهن جي دلين ۾ زنده رهنديون آهن.

عبدالرحيم عرف پيرو آڳرو به اهڙي ئي هڪ منفرد شخصيت هو، جنهن جي زندگي زمينداري، محنت، لوڪ موسيقي، سماجي خدمت ۽ انسان دوستيءَ جو هڪ خوبصورت سنگم هئي.

تعلقي گهوڙاٻاري، ضلعي ٺٽي جي شهرورسان تعلق رکندڙ عبدالرحيم عرف پيرو آڳرو پنهنجي دور ۾ هڪ وڏو زميندار هجڻ سان گڏ علائقي جي ماڻهن ۾ عزت ۽ محبت رکندڙ شخص هو. سندس شخصيت جو سڀ کان نمايان پهلو اهو هو ته وڏي زمينداري ۽ حيثيت هوندي به سندس رهڻي ڪهڻي انتهائي سادي هئي.

هڪ ايوارڊ، هڪ واقعو ۽ سچي زندگيءَ جي سادگي

لاڙ پٽ ۾ هڪ دور اهڙو به هو، جڏهن ڪمند جي پوک وڏي پيماني تي ٿيندي هئي ۽ ضلعي ٺٽي ۾ قائم شگر ملون مقامي آبادگارن کان ڪمند خريد ڪنديون هيون. عبدالرحيم عرف پيرو آڳرو جو به وڏو ڪمند ديوان شگر مل ڏانهن ويندو هو.

ڪمند جي سيزن ختم ٿيڻ کان پوءِ مل انتظاميا طرفان انهن آبادگارن لاءِ تقريب رکي وئي، جن وڏي مقدار ۾ ڪمند مل تائين پهچايو هو. عبدالرحيم آڳرو کي به ايوارڊ ڏيڻ لاءِ دعوت ڏني وئي.

پر جڏهن هو پنهنجي سادي لباس ۽ هٿ ۾ لٺ سان مل پهتو ته اتي موجود آفيسر کيس سڃاڻي ئي نه سگهيا.

هنن پڇيو:

"چاچا، توهان عبدالرحيم جا ڪمدار آهيو؟ عبدالرحيم پاڻ ڪٿي آهي؟"

عبدالرحيم مسڪرائيندي چيو:

"مان ئي عبدالرحيم عرف پيرو آڳرو آهيان."

آفيسرن کي يقين نه آيو. جڏهن هن پنهنجو شناختي ڪارڊ ڏيکاريو، تڏهن کين يقين ٿيو ته هي ئي اهو وڏو آبادگار آهي، جنهن جو ڪمند وڏي مقدار ۾ مل تائين پهتو هو.

هي ننڍڙو واقعو سندس پوري زندگيءَ جي فلسفي کي بيان ڪري ٿو:

مال وڏو هو، پر مزاج ننڍو ۽ سادو.

ٻارن جي اکين ۾ محبت جو عبدالرحيم چراغ هو

عبدالرحيم آڳرو لاءِ دولت جو اصل مطلب صرف پنهنجي ضرورت پوري ڪرڻ نه، پر ٻين جي ڪم اچڻ هو.

جڏهن هو شهر ۾ ايندو هو ته ننڍڙا ٻار سندس چوڌاري گڏ ٿي ويندا هئا. ڪيترائي ٻار سندس پاسي کان بيهي خرچي وٺڻ جو انتظار ڪندا هئا. هو کين مايوس نه ڪندو هو.

انهن ٻارن لاءِ عبدالرحيم صرف زميندار نه، پر محبت ۽ شفقت جو نالو هو.

اهوئي سبب هو جو سندس اچڻ جي خبر سان ٻارن جي چهري تي خوشي اچي ويندي هئي.

لوڪ موسيقيءَ جو عاشق

عبدالرحيم عرف پيرو آڳرو کي موسيقيءَ سان گهري محبت هئي. لاڙ جي لوڪ ثقافت، روايتي گيتن ۽ محفلن سان سندس خاص لڳاءُ هو.

ڳوٺن ۾ شادي يا خوشيءَ جي ڪا تقريب ٿيندي ته کيس خاص دعوت ڏئي گهرايو ويندو هو. هو پنهنجي ٽيم سان گڏ اتي پهچندو ۽ رات دير تائين لوڪ گيتن سان محفل کي چار چنڊ لڳائيندو هو.

اهڙيءَ طرح هو صرف هڪ زميندار نه رهيو، پر پنهنجي علائقي جي لوڪ ثقافتي زندگيءَ جو به هڪ يادگار ڪردار بڻجي ويو.

حاجي عارب آڳرو جو فرزند

عبدالرحيم آڳرو جي والد حاجي عارب آڳرو جو نالو پڻ تعلقي گهوڙاٻاري ۽ ضلعي ٺٽي ۾ عزت سان ورتو ويندو هو. هو علائقي جو معزز ۽ وڏو زميندار هو.

والد جي ڇڏيل ورثي سان گڏ عبدالرحيم پنهنجي محنت ۽ جدوجهد سان به زمين ۾ واڌ ڪئي. سندس زمين تقريباً 200 ايڪڙن تائين پهتي.

پر ايتري وڏي ملڪيت جو مالڪ هجڻ باوجود سندس رهڻي ڪهڻي ۾ وڏائي نظر نه ايندي هئي. پاڻ سدائين هيٺ زمين تي ويهندا هئا

پنهنجي ڳوٺ جو آواز

عبدالرحيم عرف پيرو آڳرو پنهنجي ذات تائين محدود رهندڙ ماڻهو نه هو. پنهنجي ڳوٺ ۽ علائقي جي ماڻهن جي مسئلن کي پنهنجو مسئلو سمجهندو هو.

ڳوٺ جي بنيادي سهولتن لاءِ سندس ڪوششن جو ذڪر اڄ به مقامي ماڻهو ڪن ٿا. سندس جدوجهد سان سرڪاري پرائمري اسڪول، گرلز اسڪول، پڪو روڊ، بجلي، پڪيون گهٽيون ۽ صاف پاڻي جهڙين سهولتن لاءِ آواز اٿاريو ويو ۽ سرڪاري سطح تي ڪم ڪرائڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو ويو.

هو ماڻهن لاءِ مشڪل وقت ۾ بيهڻ کي پنهنجي ذميواري سمجهندو هو.

وڇوڙي جو ڏک

زندگيءَ جي آخري دور ۾ عبدالرحيم آڳرو کي پنهنجي گهرواري جي بيماري ۽ وڇوڙي جو وڏو صدمو برداشت ڪرڻو پيو. ان کان پوءِ پاڻ به بيمارين ۾ مبتلا ٿيو. اکين جي تڪليف ۽ فالج جي حملي کان پوءِ ڪجهه عرصي اندر هو به هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

سندس وڇوڙي جي خبر علائقي لاءِ هڪ ڏکوئيندڙ خبر هئي.

جنازي نماز ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن جي شرڪت اهو ٻڌائي رهي هئي ته عبدالرحيم ڪيترو ماڻهن جي دلين ۾ جاءِ ٺاهي چڪو هو.

اولاد ۽ ڇڏيل ورثو

عبدالرحيم عرف پيرو آڳرو پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ شادي ڪئي، جنهن مان کيس 3 پٽ ۽ 7 نياڻيون ٿيون.

هن پنهنجي زندگيءَ جي محنت سان جيڪو مالي ۽ زميني ورثو ڇڏيو، اهو سندس خاندان لاءِ هڪ وڏو اثاثو هو. وقت گذرڻ سان سندس ڇڏيل ملڪيت جو وڏو حصو وڪرو ٿي ويو ۽ خاندان کي به مختلف مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو.

هي داستان ايندڙ نسلن لاءِ هڪ سبق پڻ ڇڏي ٿو ته بزرگن جي محنت سان حاصل ڪيل ورثي کي سنڀالڻ به وڏي ذميواري آهي.

ماڻهو مري ويندا آهن، ڪردار نه

عبدالرحيم عرف پيرو آڳرو هاڻي هن دنيا ۾ موجود ناهي، پر سندس نالو انهن ماڻهن جي زبان تي آهي، جن سندس سخاوت ڏٺي، سندس سادگي محسوس ڪئي، سندس محفلن ۾ لوڪ گيت ٻڌا، سندس هٿان مدد ورتي يا سندس ڪوششن سان پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪا سهولت حاصل ڪئي.

سندس زندگي اسان کي اهو سبق ڏئي ٿي ته انسان جي عظمت صرف دولت، زمين يا حيثيت سان نه ماپي ويندي آهي.

اصل عظمت ان ڳالهه ۾ آهي ته انسان پنهنجي وجود سان ٻين لاءِ ڪيترو آسان بڻجي ٿو.

عبدالرحيم آڳرو جي سادگي سندس سڃاڻپ هئي، سخاوت سندس عادت، موسيقي سندس محبت ۽ پنهنجي ماڻهن جي خدمت سندس زندگيءَ جو مقصد بڻجي وئي.

اڄ جڏهن لاڙ جي هوائن ۾ سندس نالو ياد ڪيو وڃي ٿو ته ڪيترن ئي پراڻين محفلن، ٻارن جي مرڪندڙ چهرن، لوڪ گيتن ۽ هڪ سادي لباس پهريل زميندار جي تصوير ذهن ۾ اچي وڃي ٿي.

اهڙا ماڻهو جسماني طور وڇڙي ويندا آهن، پر ماڻهن جي دلين مان ڪڏهن به ناهن ويندا.

دعا

الله پاڪ مرحوم عبدالرحيم عرف پيرو آڳرو جي مغفرت فرمائي، سندس قبر کي نور سان ڀري، قبر جي سختين کان محفوظ رکي، جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سندس پوئنيرن کي صبر، همت ۽ پنهنجي بزرگ جي نيڪ نالي کي اڳتي وڌائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمين يا رب العالمين

ڍولا ۽ رولا

سهيل وڙائچ

جيڪڏهن ڪنهن ۾ فني خرابي هجي ۽ ان کي گورو رنگ تمام گهڻو دلڪش لڳي پر انهيءَ سان گڏوگڏ اها ڪاري رنگ ۾ به خوبصورتي ڳولي وٺي ته اهڙي مزاج وارو ڪٿي ۽ ڪنهن کي هضم ٿيندو؟ اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو سڪندرِ اعظم کي فاتح اعظم مڃي ۽ راجا پورس کي به عظيم مڃي ته اهڙي سوچ وارو ڪٿي ڪنهن کي وڻندو. جيڪڏهن ڪو جنوني ڳل جي خوشبوءِ سُنگهي معطر ٿئي پر انهيءَ سان گڏ ڪنڊا لڳڻ سان وهندڙ رت ۽ تڪليف مان به لطف اندوز ٿئي ته اهو چريوئي سمجهيو ويندو. اهي تضاد ڏسي فوري فيصلو نه ڪريو ته ان پيدائشي خرابيءَ واري کي بلڪل رد ڪري ڇڏيو. عام ماڻهو به ته مٺو کائي خوش ٿيندا آهن ۽ مرچ جي تيزيءَ جو به شوق رکن ٿا. انساني مزاج ۽ سوچ متنوع آهي، ان ڪي هڪ ئي وقت ٻن متضاد ۽ مخالف شين جو ذائقو سنولڳي سگهي ٿو، ٻن حريفن جون الڳ الڳ خوبيون وڻي سگهن ٿيون، ٻه مختلف رنگ به اکين ۾ وڻي سگهن ٿا. هڪ رنگي تنگ نظري ۽ هم رنگي (سپ رنگي) وسيع المشربي پيدا ڪري ٿي. پر افسوس اهو آهي ته اسان جي سياست، رومان ۽ عشق ڪنهن ۾ به ٻيائي (دوغلي) قابلِ قبول ناهي. مجنون ليليٰ کان سواءِ ڪنهن ٻئي ڏانهن نه ڏسي سگهي ٿو ۽ نه کيس ڪا گوري وڻي سگهي ٿي، ان لاءِ ڪاري ليليٰ ئي واحد چوائس آهي. هير کي سيدا ڪڙا پرڻائي به وني وڃي ته رانجهو هير لاءِ ئي جوڳي بنجندو، ان جيڪڏهن ڪنهن ٻئي ڏانهن نظر کڻي به ڏٺو ته رومانس جو ٻيڙو غرق ٿي ويندو. احمد خان کهرل منهنجو هيرو آهي پر برڪلي جي بهادريءَ جي تعريف مون کي ايتري مهانگي پئجي سگهي ٿي جو مون کي انگريزن جو ايجنٽ ئي چيو ويندو. 1849ع جي چليانوالا ۾ آخري جنگ ۾ انگريز فوج جي بهادريءَ جي ڪهاڻي بيان ڪرڻ آسان ۽ مخالف شير سنگهه اٽاري والا ۽ گجراتي و پشاوري مسلمانن جي ڀرپور مزاحمت جو داستان بيان ڪرڻ ڏکيو ۽ محال آهي.

فني خرابي ۽ پيدائشي نقص واري عاصي (گنهگار) کي مسئلو اهو درپيش آهي ته تضادستان ۾ تقريباً طئه آهي ته ٻن ٻيڙين جي سواري، ٻن گهوڙن جي شهسواري، هڪ مياڻ ۾ ٻه تلوارون ۽ هڪ دل جا ٻه دلبر نٿا ٿي سگهن پر اهي سڀ ڳالهيون رد ٿي چڪيون. اڄ ته رنگارنگي، هم رنگي ۽ سپ رنگي جو دور اڳتي آهي. تصورات ۽ سوچ فرسوده رهجي ويا، زمانو قيامت جي چال هلي تمام اڳتي وڌي ويو آهي. زمانو بدلجي ويو آهي ته پهاڪا به هاڻي بدلجڻ گهرجن ۽ انهن جي مطالبن و مفاهيم جي تشريح به نئين سر ٿيڻ گهرجي.

فني خرابيءَ واري گنهگار ۽ عاصي کي ڍولا به پسند آهي ۽ ان کي رولا به سنولڳندو آهي. اهو ڇا ڪري جيڪڏهن ان کي فلم ۾ هيرو ۽ ولين ٻنهي جا ڪردار سٺا لڳن؟ اهو بهلول ڇا ڪري جيڪڏهن ڪرڪيٽ ميچ ٿي رهي هجي ته جيڪڏهن ان جي ٽيم جو رانديگر سٺو کيڏي يا مخالف چوڪو ڇڪو هڻي ته اهو ٻنهي پيرن سان تاڙيون وڄائيندو ۽ واهه واهه ڪندو. ان کي پنهنجو ڪتو ته سنولڳي ٿو پر اهو ٻين جي ڪتن سان به پيار ڪري. اهڙي گنهگار ۽ عاصي لاءِ اسان جڳهه ناهي ڇڏي، اهڙي گنهگار جي زندگي تنگ ڪئي ويندي آهي ڇو ته هر ڪو ٻئي کي مڪمل غلط قرار ڏئي ٿو. صحافي هڪ جملو خلاف لکي ڇڏي ته پي ٽي آءِ وارا ان کي لفافو ۽ فوجي ايجنٽ چوڻ شروع ڪري ڏيندا آهن، مقتدره يا حڪومت جي ڪنهن پاليسيءَ سان هلڪو ئي اختلاف ٿي وڃي ته تاثر اهو ڏنو ويندو آهي ته اهو ته دشمنن سان گڏجي سازش ڪري رهيو آهي، نوني قيادت يا ان جي اندازِ حڪمرانيءَ تي تنقيد ڪري ڇڏي ته اهي ان کي آئنسٽائن چئي چيڙائيندا آهن. اسان جا ادارا حقيقت ته ڇڏيو تاثر تي به هڪ سيڪنڊ ۾ ڪوڙو هجڻ ۽ من گهڙت ڪهاڻيون لکڻ جي فتويٰ ڏئي ڇڏيندا آهن. پيپلز پارٽي وارا به پنهنجين اندرين محفلن ۾ ڪو خطاب ڏيندا هوندا پر اهي ايترا باشعور ضرور آهن جو سرعام برائو نٿا چون. صورتحال اها آهي ته سياست ۽ اظهار جا رستا پسنديدگي ۽ ناپسنديدگيءَ جي ٻتن روڪي ڇڏيا آهن. مخالفت کي ضد ۽ دشمني بڻائي ڇڏڻ، تنقيد کي جان جو دشمن بڻائي ڇڏڻ ۽ ڪنهن ٻئي راهه جي مسافر کي گمراهه سمجهڻ سراسر غير دانشمندانو قدم آهي. اسان سڀ ڍولي ۽ رولي پاڪستان جي ئي راهه جا مسافر آهيون، رستا الڳ الڳ ٿي سگهن ٿا پر منزل هڪ ئي آهي، خوشحال ۽ جمهوري پاڪستان.

جيڪڏهن واقعي لانگ مارچ صرف ملتوي ٿيو آهي ۽ ٻيهر ٿيڻ وارو آهي ته اصل معاملو ته تحريڪِ انصاف جي ڍولي جو آهي ۽ رولو به ان ڪري وڌو پيو وڃي. ڍولا پنجابي ٻوليءَ ۾ محبوب کي ۽ رولا شور شرابي کي چئبو آهي. ڍولا جو لفظ ملڪه ترنم نورجهان 'ڍول سپاهيا' ڳائي امر ڪري ڇڏيو هو. تحريڪ انصاف جو جيتري قدر رولو سوشل ميڊيا، يوٽيوب ۽ ٽڪ ٽاڪ تي آهي، جيڪڏهن اهو ئي رولو گهٽين ۽ بازارن ۾ به نظر اچي ها ته هينئر تائين نظام ڪمزور ٿي چڪو هجي ها پر مسئلو اهو آهي ته ڪيبورڊ (keyboard) تي جنهن پارٽيءَ جو زور شور آهي، اها روڊ رستن تي خوف، دٻاءُ يا عدمِ تنظيم جي ڪري پنهنجي طاقت ڏيکارڻ کان قاصر آهي. ٻئي طرف حڪومت جنهن خيالي ڍولي ۽ رولي خلاف عمل ڪرڻ کان لنوائڻ آهي، اهو ڍولو فرضي ۽ خيالي آهي. ٻنهي طرفن افراط و تفريطي ۽ حقيقت کان منهن موڙڻ آهي. تحريڪِ انصاف جو تمام وڏو جلوس ڪڍڻ ۽ گادي واري هنڌ کي جام ڪري ڇڏڻ جو تصور و تاثر به غلط ۽ غير حقيقي آهي. ٻئي طرف حڪومتي ناڪابندي، ڪنٽينرن ۽ ڪنڊن وارا ڪنٽينر ۽ موٽرويز جي بندش به سراسر غيرحقيقي هئي، اسلام آباد جون تياريون ته ائين هيون جيئن ماؤزي تنگ جو چيني لانگ مارچ اچي رهيو هجي ۽ جيڪڏهن اهو اچي ويو ته ڪٿي انقلاب نه اچي وڃي. حقيقت ته اها آهي ته گنڊاپوري لانگ مارچ، آفريدي لانگ مارچ کان وڌيڪ خطرناڪ، خوفناڪ ۽ خونخوار ثابت ٿيو هو.

اڄڪلهه جي مشهور ڍولي جا ٻول آهن "نه هوسي ڍولا، نه هوسي رولا" يعني جيڪڏهن محبوب نه هوندو ته ڪو مسئلو يا شور شرابو به نه هوندو. هڪ طرف ته ان کي شيخ رشيد جي ڪنوارپڻي سان جوڙي چيو پيو وڃي ته ڇئي ان جا يار پچا ناهن ان ڪري ان لاءِ ڪو مسئلو ناهي، ٻئي طرف لانگ مارچ جي حوالي سان وٺ پڪڙ کي به ان ڍولي سان جوڙيو پيو وڃي ته جن جو ڪو گهر ٻار ناهي، ڪو محبوب ناهي انهن کي گرفتار ٿيڻ جو به ڪو ڊپ يا خوف ناهي پر جن جو محبوب آهي، گهر ٻار آهي انهن لاءِ گرفتاري هڪ سنجيده مسئلو آهي.

موجوده سيٽ اپ کي هلندي چار سال ٿي ويا آهن، دانش سماج کي ڏسندڙ سياستدان، تجربيڪار حڪمتِ ڪار ۽ پري بيٺل بين اڳواڻ سڀ ان جو حصو آهن پر اهي اڃا تائين "ڍولا ۽ رولا" جو پاڪستان جو سڀ کان وڏو سياسي مسئلو آهي ان جي باري ۾ ڪو فيصلو ئي ناهن ڪري سگهيا آهن اڃا تائين عدالتي ميدان مان سزائون ڍولي کي قيدي بڻائي ان کي 804 جي نالي سان مشهور ڪري چڪيون آهن پر جيڪو اصلي مقابلي وارو سياسي ميدان آهي ان ۾ ڍولي جي مقابلي ۾ ڪو سياسي "آواز" تائين بلند ناهي ٿيو ان ڪري بار بار هڪ ئي طرح جو "رولو" پوندو رهيو آهي، مقابلي ۾ اڃا تائين نه ڪو "هولا" ۽ نه ڪو "يارو" لٿو آهي، جيڪڏهن ڍولو اڪيلو ئي ميدان ۾ رهندو ته سياست ۽ بيانيو اهو ئي بنيل رهندو. جمهوريت جو پهريون اصول اهو آهي ته حڪومت ۽ اپوزيشن گاڏيءَ جا ٻه ڦيٿا هوندا آهن پر انصاف ۽ حڪومت ٻئي ان کي هڪ ئي ڦيري تي هلائڻ چاهين ٿا. هڪ رنگي نٿي هلي سگهي، سپ رنگي ئي مسئلن جو پائيدار حل آهي پر ٻئي ڌريون هڪ ئي هيرو، هڪ ئي رنگ، هڪ ئي ذائقي ۽ هڪ ئي شڪل جا انڌا پوئلڳ آهن. لڳي ٿو ابنِ انشاءِ جي پيرويءَ ۾ عاصيءَ کي بن واس (جنگل جو ديرو) وٺڻو پوندو.

"جب شهر کلوگ نه رسته د، کو بن مه نجا بسرام کر"
(جڏهن شهر جا ماڻهو رستو نه ڏين، ڇو نه جهنگ ۾ وڃي آرام ڪري)

بقايا * 01**

ڪمزوري نه سمجهيو وڃي. عطاالله تارڙ چيو ته پاڪستان ڪيترن ئي ڏهاڪن کان افغان شهرين جي ميزباني ڪندو رهيو آهي. افغان عوام ۽ افغان حڪومت جي نظريات ۾ فرق آهي. افغانستان جي عوام حق رکي ٿي ته انهن کي حق ملن ۽ معاشي بهتري ملي سگهي. اطلاعات واري وزير چيو ته افغانستان ۾ دهشتگردن جا ٺڪاڻا آهن. افغان حڪومت کي دهشتگردي جي مائنڊ سيٽ مان نڪرڻو پوندو. جيڪڏهن دهشتگردي جي مائنڊ سيٽ جي ڪري افغان حڪومت کي معاشي خوشحالي نٿي ملي ته اها افغان عوام سان زيادتي هوندي. هن چيو ته افغانستان ۾ امن انهي صورت ۾ ٿي سگهي ٿو جڏهن افغان عبوري حڪومت دهشتگردي کي مسئلو سمجهي. افغان عبوري حڪومت کي اهو به سمجهڻو پوندو ته تعليم کان سواءِ ڪو به معاشرو ترقي نٿو ڪري سگهي. عطاالله تارڙ چيو ته امن قائم ڪرڻ جي لاءِ پاڪستان هتان کان وفد به افغانستان اماڻيا آهن. هن چيو ته افغان زمين تان پاڪستان ۾ دهشتگردي جي هر ڪوشش جو جواب ڏنو ويندو. افغانستان مان پاڪستان ۾ ٿيل دهشتگردي جو اڳ به جواب ڏنو ويو آهي ۽ آئنده به جواب ڏينداسين.

بقايا * 02**

تونخوا ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين دهشتگردن خلاف ڪارروايون ڀرپور نموني جاري رهنديون. جڏهن ته پاڪستان جي امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائيندڙ عنصرن کي سندن ناپاڪ مقصدن ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو پنهنجي بيان ۾ صدرِ مملڪت آصف علي زرداري بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن اثرائتي حڪمتِ عملي اختيار ڪندي دهشتگردن جا ناپاڪ ارادا ناڪام بڻائي ڇڏيا هن چيو ته سڄي قوم کي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن جي جرئت ۽ بهادري تي فخر آهي. صدر چيو ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين دهشتگردن خلاف ڪارروايون ڀرپور نموني جاري رهنديون صدر زرداري چيو ته پاڪستان عالمي امن جي قيام ۽ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پنهنجن هزارين بهادر پٽن ۽ ڌيئرن جون قربانيون ڏنيون آهن. هن چيو ته پاڪستاني قوم ۽ ان جي بهادر هٿياربند فوج ۾ پاڪستان، خطي ۽ دنيا ۾ امن ۽ استحڪام جي دشمنن جون ڪوششون ناڪام بڻائڻ جو عزم ۽ صلاحيت موجود آهي صدر زرداري چيو ته دوست ملڪن ۽ اتحادين جي سهڪار سان امن ۽ استحڪام جي دشمنن جي هر ڪوشش ناڪام بڻائي ويندي پنهنجي بيان ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته سيڪيورٽي فورسز پنهنجي پيشورانه صلاحيتن، جرئت ۽ بهادري جو مظاهرو ڪندي دهشتگردن جا ناپاڪ ارادا ناڪام بڻايا آهن هن چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سڄي قوم پنهنجي بهادر سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي ۽ ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون جاري رهنديون وزيراعظم چيو ته پاڪستان جي امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائيندڙ عنصرن کي سندن ناپاڪ مقصدن ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو وزيراعظم ڪامياب ڪارروائين ۾ حصو وٺندڙ سيڪيورٽي فورسز جي آفيسرن ۽ جوانن کي سلام پيش ڪندي چيو ته سڄي قوم کي پنهنجن بهادر سپوتن تي فخر آهي.

بقايا * 03**

نظام تحت پاڪستان وڌيڪ نٿو هلي سگهي. ڪراچي ۾ ايم ڪيو ايم اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال سان پاڪستان قبائل موومينٽ جي عهديدارن ملاقات ڪئي ان موقعي تي مصطفيٰ ڪمال چيو ته پيپلز پارٽي 18 سالن کان ڪراچي ۽ حيدرآباد جي عوام تي ظلم ڪري رهي آهي، جڏهن ته 18هين ترميم ملڪ کي 4 آزاد صوبن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي ٻئي پاسي پاڪستان قبائل موومينٽ جي صدر عبدالرحمان چيو ته نون انتظامي يونٽن جو قيام پاڪستان جي حق ۾ آهي هن چيو ته جيڪڏهن متحدا قومي موومينٽ پاڪستان پاران سڏ ڏنو ويو ته ڪراچي جا پشتون ساٿ ڏيندا.

بقايا * 04**

است داخل دفتر ڪندي جيل اختيارين خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ختم ڪري ڇڏي دهشتگردي جي روڪٿام واري عدالت جي جج طاهر عباس سپرا درخواست تي ٻڌڻي ڪئي، جنهن دوران ايمان مزاري ۽ هادي علي طرفان رياست علي آزاد سميت ٻيا وڪيل عدالت ۾ پيش ٿيا ٻڌڻي دوران عدالت کي ٻڌايو ويو ته ايمان مزاري ۽ هادي علي جي وڪالت نامن تي صحيحون ٿي چڪيون آهن. جج طاهر عباس سپرا سپرنٽينڊنٽ کي وڪالت نامن بابت ضابطا جوڙڻ جي هدايت ڪئي جج طاهر عباس سپرا ريمارڪس ڏنا ته جيڪڏهن وڪيلن سان به ائين ٿي رهيو آهي ته عام درخواستگذارن جي وڪالت نامن سان ڇا ٿيندو هوندو ايڊووڪيٽ زينب چيو ته هاءِ ڪورٽ ان حوالي سان باقاعده ضابطا ڪار ٺاهيا آهن. هن چيو ته جيل اختيارين طريقيڪار کي سزا نه بڻائين جج طاهر عباس سپرا چيو ته اڳ ۾ ماڻهو ڪڏهن بخشي خاني ۾ ته ڪڏهن گاڏي ۾ وڪالت نامن تي صحيحون ڪرائيندا هئا جج ريمارڪس ڏنا ته انصاف جو پهريون رستو وڪالت نامي تي صحيح ٿيڻ سان شروع ٿئي ٿو بعد ۾ عدالت جيل اختيارين خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ختم ڪندي ايمان مزاري ۽

بقايا * 05**

[illegible]

بوزر کي باهه ڏيڻ کانپوءِ فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي فتن الهندستان جا دهشتگرد اين_40 شاهراهه جي مختلف هنڌن تي باهه لڳائڻ وارين ڪارروائين ۾ پڻ ملوث هئا. 31 آگسٽ تي به اهڙي نوعيت جي تخريبي ڪارروائين ۾ ملوث فتن الهندستان جا 11 دهشتگرد مارجي ويا هئا سيڪيورٽي ذريعن ٻڌايو ته بلوچستان مان آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين ڪارروايون جاري رهنديون. سيڪيورٽي فورسز ملڪ مان دهشتگردي جي ناسور جي مڪمل خاتمي ۽ پائيدار امن جي قيام لاءِ پرعزم آهن ٻئي طرف خيبرپختونخوا جي علائقي باڙه ۾ ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي فتن الخوارج جي 5 دهشتگردن کي ماريو ويو سيڪيورٽي ذريعن موجب فتن الخوارج جي دهشتگردن وٽان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ بارود هٿ ڪيو ويو. ڪارروائي دوران فتن الخوارج جا ٺڪاڻا پڻ مڪمل طور تباهه ڪيا ويا ان دوران وفاقي گهرو وزير محسن نقوي خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ خوارجين خلاف ڪامياب ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي ٿيندڙ ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشورانه ڪارڪردگي کي ساراهيو گهرو وزارت طرفان جاري ڪيل بيان موجب محسن نقوي چيو ته سيڪيورٽي فورسز جي بهادر سپوتن بروقت ۽ اثرائتيون ڪارروايون ڪندي فتن الخوارج جا ناپاڪ ارادا خاڪ ۾ ملائي ڇڏيا آهن هن خيبرپختونخوا جي قبائلي ضلعي خيبر جي علائقي باڙه ۾ 5 ۽ بلوچستان جي ضلعي چاغي جي علائقي نوڪنڊي ۾ 2 خوارجين کي مارڻ تي جوانن جي پيشورانه صلاحيتن جي واکاڻ ڪئي محسن نقوي چيو ته خوارجي دهشتگردن ۽ انهن جي سهولتڪارن خلاف سيڪيورٽي فورسز جون مسلسل ۽ ڪامياب ڪارروايون سڄي قوم قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي هن چيو ته سيڪيورٽي فورسز جا بهادر جوان ۽ آفيسر اسان جو فخر آهن ۽ سڄي قوم کي پنهنجن محافظن تي ناز آهي هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته، ان شاءَ الله، عوام جي مڪمل سهڪار سان ملڪ جي ڌرتي تان خوارجين ۽ دهشتگردي جي ناسور جو مڪمل خاتمو ڪري ساهه پٽينداسين.

بقايا * 06**

غيرمعمولي اهميت رکن ٿيون هن اها ڳالهه چائنا انٽرنيشنل ڪنفيوشس ڪلچر فيسٽيول جي موقعي تي پنهنجي وڊيو پيغام ۾ ڪئي. هي ميلو چين جي تاريخي شهر قوفو ۾ منعقد ٿيو جيڪو عظيم مفڪر ۽ فلسفي ڪنفيوشس جو اباڻو شهر آهي سينيٽ جي چيئرمين فيسٽيول ۾ شريڪ ماڻهن، دانشورن ۽ معزز مهمانن کي دل جي گهراين سان واڌايون ڏيندي چيو ته ڪنفيوشس جون تعليمون اڄ به علم ۽ سکيا، دوستي، هم آهنگي ۽ باهمي احترام جي حوالي سان وڏي اهميت رکن ٿيون پاڪستان ۽ چين جي لاڳاپن جو ذڪر ڪندي هن چيو ته 2026ع ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ سفارتي لاڳاپن جي قيام کي 75 سال مڪمل ٿي رهيا آهن. ٻنهي ملڪن جي لازوال ۽ لوهي پائيچاري تي ٻڌل دوستي وقت سان گڏ وڌيڪ مضبوط ٿي آهي ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي يوسف رضا گيلاني چيو ته تعليم، ثقافتي ڏي وٺ ۽ عوامي رابطن ذريعي پاڪستان ۽ چين جا ماڻهو هڪ ٻئي جي وڌيڪ ويجهو اچي رهيا آهن. هن پاڪستاني يونيورسٽين ۾ قائم ڪنفيوشس ادارن جي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته اهي ادارا چيني ٻولي ۽ ثقافت جي واڌاري سان گڏ ٻنهي ملڪن جي عوام وچ ۾ باهمي سمجهه ۽ ڄاڻ وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن هن نوجوانن کي هڪ ٻئي کان سکڻ جا وڌيڪ موقعا فراهم ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو ته ادب، تعليم، سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ ثقافت جي شعبن ۾ لاڳاپن ۽ ڏي وٺ کي وڌيڪ هٿي ڏني وڃي، ته جيئن ٻنهي عظيم تهذيبن جا ماڻهو خيالن، علم ۽ انساني سمجهه وسيلي هڪ ٻئي جي وڌيڪ ويجهو اچي سگهن سينيٽ جي چيئرمين اميد ظاهر ڪئي ته هي فيسٽيول پاڪستان ۽ چين جي عوام وچ ۾ باهمي سمجهه کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ ۽ ٻنهي قومن کي ويجهو آڻڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو هن چيو ته دائمي پُل رڳو پٿر ۽ فولاد سان نه، پر علم، دوستي ۽ انساني دلين سان به تعمير ٿيندا آهن يوسف رضا گيلاني فيسٽيول جي ڪاميابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي پاڪستان ۽ چين جي ڊگهي ۽ مثالي دوستي لاءِ پنهنجي عزم جو ڀيهر اظهار ڪيو.

بقايا * 07**

ت سان لاڳاپيل سمورن ادارن جا ڪائونٽرز موجود هوندا، جتي شهرين کي پاسپورٽ، سڃاڻپ ڪارڊ، هٿيارن جا لائسنس، مختلف اين او سيز ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪيون وينديون وفاقي گهرو وزير موجب، خدمت مرڪز ۾ شهرين کي مختلف سرڪاري سهولتون هڪ ئي هنڌ فراهم ڪرڻ جو انتظام ڪيو ويندو، جنهن سان سرڪاري خدمتن تائين رسائي آسان بڻائڻ ۾ مدد ملندي محسن نقوي لاڳاپيل اختيارين کي 10 ڏينهن اندر خدمت مرڪز جو ماسٽر پلان تيار ڪري پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي، جڏهن ته مرڪز جي قيام لاءِ سمورا ضروري قدم يقيني بڻائڻ جون به هدايتون جاري ڪيون

بقايا * 08**

باهه جي لپيٽ ۾ اچي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ وين ۾ سوار 11 ٻار سڙي زخمي ٿي پيا ڊي پي او مري موجب 4 سخت سڙيل ٻارن کي هولي فيملي اسپتال راولپنڊي منتقل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته 7 ٻارن کي ضلعي هيڊڪوارٽر اسپتال مري منتقل ڪيو ويو آهي. ريسڪيو ۽ پوليس جون گڏيل امدادي ڪارروايون جاري آهن ڊي پي او مري رضا تنوير موجب وين ۾ ٻن خانگي اسڪولن جا ٻار سوار هئا. متاثر ٻارن ۾ 8 ورهين جو ارحم ولد علي نواز لڳ ڀڳ 38 سيڪڙو سڙي زخمي ٿيو، جڏهن ته 8 ورهين جي حسن طالب ولد محمد طالب کي لڳ ڀڳ 26 سيڪڙو سڙڻ سبب گهرا زخم رسيا آهن. اهڙيءَ طرح عائشه ڌيءَ ڪليم

ٿي دير پوءِ وين ۾ باهه لڳي وئي، جنهن ۾ 4 ٻارن جو جسم 25 سيڪڙو کان وڌيڪ سڙي ويو هن ٻڌايو ته وڌيڪ متاثر ٻارن کي راولپنڊي جي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. وين ۾ 12 ٻار سوار هئا، جن کي وين ڊرائيور مختلف علائقن مان کڻي آيو هو. شروعاتي طور ٻارن کي ڀرپور امداد فراهم ڪئي وئي، جڏهن ته معمولي سڙڻ وارن 8 ٻارن جو علاج ڊي ايڇ ڪيو اسپتال مري ۾ جاري آهي ڊي پي او ٻڌايو ته ٻه مهينا اڳ به مري ۾ وين کي باهه لڳڻ جو افسوسناڪ واقعو پيش آيو هو ان واقعي کانپوءِ گاڏين جي فٽنيس جي جاچ مقامي شاهراهن تائين وڌائي ويندي. ڊي پي او مري موجب ڳوٺاڻن علائقن اندر هلندڙ گاڏين جي فٽنيس پڻ چيڪ ڪئي ويندي، ته جيئن اهڙن واقعن کي روڪي سگهجي.

بقايا * 09**

واستن تي ٻڌڻي ٿي درخواستگذارن جي وڪيل افتخار شاهه ايڊووڪيٽ موقف اختيار ڪيو ته جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي افغان شاگردن کي ڪلاس وٺڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. سندن بايوميٽرڪ رسائي ختم ڪئي وئي آهي، جڏهن ته کين هاسٽل مان به ڪڍيو پيو وڃي، جيتوڻيڪ عدالت اڳ ئي افغان شاگردن کي بي دخل ڪرڻ کان روڪي چڪي آهي پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل (پي ايم ڊي سي) جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته کيس درخواستن جون ڪاپيون فراهم نه ڪيون ويون آهن. عدالت پي ايم ڊي سي جي وڪيل کي درخواستن جون ڪاپيون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي عدالت افغان شاگردن کي ڪلاس وٺڻ کان روڪڻ وارو حڪم معطل ڪندي سندن بايوميٽرڪ رسائي بحال ڪرڻ ۽ ايندڙ ٻڌڻي تائين سندن تعليم ۾ رنڊڪ نه وجهڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت پي ايم ڊي سي جو جواب جمع ٿيڻ تائين درخواستن تي ٻڌڻي غيرمعين مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا * 10**

جي وڪيل جبران ناصر ايڊووڪيٽ سينيئر پوليس آفيسرن بابت لکت ۾ سوال جمع ڪرائي ڇڏيا آهن ذريعن موجب وارثن جي وڪيل طرفان ڪميشن کي سوالن جا 2 سيل ٿيل سيٽ وصول ٿيا آهن. ڪميشن ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي، ڊي آءِ جي عامر فاروقي ۽ ڊي آءِ جي فرخ لنجار کان لکت ۾ جواب طلب ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو ۽ مير رضا جي وارثن کي پنهنجا سوال جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي هئي ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪميشن جي وڌيڪ ڪارروائي سنڌ ڪابينا طرفان مدي ۾ واڌ ڪرڻ سان مشروط آهي.

بقايا * 11**

راڄ لاڳو ڪرڻ لاءِ گهربل سمورا عنصر فراهم ڪري چڪي آهي هڪ انٽرويو ۾ اختيار ولي چيو ته اهو وقت به ايندو جڏهن صوبائي اسيمبلي ٽوڙڻي پوندي ۽ وچ مدي وارين چونڊن ڏانهن وڃڻو پوندو، ٻي صورت ۾ ٻيا به ڪيترائي رستا موجود آهن ٻئي طرف تحريڪ انصاف خيبرپختونخوا جي ترجمان شوڪت يوسفزئي چيو ته گورنر راڄ ان وقت لاڳو ٿيندو آهي، جڏهن آئيني مشينري ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏئي، پر خيبرپختونخوا ۾ آئيني مشينري پنهنجو ڪم ڪري رهي آهي شوڪت يوسفزئي چيو ته اسان حڪومت سان ڳالهين جا خواهشمند آهيون، حڪومت کي جيڪي چار پنج ڏينهن مليا آهن، انهن مان فائدو وٺڻ گهرجي.

بقايا * 12**

ڪنٽينر دبئي کان لاهور موڪليو ويو هو ۽ دستاويزن ۾ ان ۾ مس پرنٽ ٿيل ڪاغذ جا رول ظاهر ڪيا ويا هئا. شڪي سامان جي بنياد تي ڪنٽينر روڪي تلاشي ورتي وئي ته وڏي انگ ۾ شراب جون بوتلون ۽ بيئر جا ڪين هٿ ڪيا ويا ذريعن موجب ڪنٽينر مان مختلف برانڊن جون مجموعي طور 12 هزار 600 شراب جون بوتلون ۽ 11 هزار 40 بيئر جا ڪين هٿ ڪيا ويا ڪارگو جو موڪليندڙ دبئي جي هڪ ڪمپني، جڏهن ته وصول ڪندڙ لاهور جي شاهه عالم مارڪيٽ ۾ واقع هڪ ڪمپني کي ظاهر ڪيو ويو هو اي اين ايف ڪلفٽن ۾ ڪيس داخل ڪري ورتو آهي، جڏهن ته ملوث ماڻهن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا ۽ ڳولا جاري آهي.

بقايا * 13**

نهن ڏيکو پئجي رهيو آهي رپورٽ موجب ڪجهه اسٽيشنن تي برقي ڏاڪڻيون صحيح حالت ۾ هجڻ باوجود استعمال نه پيون ڪيون وڃن، جڏهن ته ڪيترن ئي هنڌن تي برقي ڏاڪڻين جون ريلنگون ۽ ٻيو سامان ٽٽل ۽ خراب حالت ۾ آهي ناظم آباد نمبر هڪ اسٽيشن تي مقرر محافظ موجب روڊ ڏانهن هيٺ لهندڙ برقي ڏاڪڻي جو سامان چوري ٿي ويندو آهي، جڏهن ته سندن ڊيوٽي مٿي واقع اسٽيشن تائين محدود آهي گرين لائن جو انتظام سنڌ حڪومت وٽ آهي ۽ هن وقت عبدالله موڙ سرجاني ٽائون کان نمائش تائين سروس هلائي پئي وڃي شهرين لاڳاپيل اختيارين کان برقي ڏاڪڻين، لفٽن ۽ ٻين سهولتن جي مرمت ۽ بحالي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا * 14**

ي ڇڏي نادرا موجب شهري پنهنجي آڱرين جا نشان، چهري جي تصوير ۽ اک جي پتلي (آئرس) جي اسڪين سميت بايوميٽرڪ معلومات مفت اپڊيٽ ڪرائي سگهن ٿا اختياري اداري جو چوڻ آهي ته بايوميٽرڪ معلومات جي تجديد سان سڃاڻپ جي چوري روڪڻ ۾ مدد ملندي، جڏهن ته بئنڪنگ، موبائل سم ۽ پروف آف لائيف سرٽيفڪيٽ سميت مختلف خدمتن لاءِ بايوميٽرڪ تصديق ۾ پڻ آساني ٿيندي نادرا موجب سمورا پاڪستاني شهري، خاص طور تي 3 کان 18 سالن جي عمر وارا اهي ٻار، جن جو تصوير وارو ب فارم نه ٺهيو آهي ۽ تاحيات مدي وارا سڃاڻپ ڪارڊ رکندڙ ماڻهو ويجهي نادرا مرڪز

بقايا * 15**

[illegible]

حاصل ڪيا آهن وائيس چانسلر آصف احمد شيخ چيو ته ايم ڊي ڪيٽ امتحان شفاف طريقي سان منعقد ڪيو ويو ۽ سوشل ميڊيا تي سندس ڌيءَ جي نمبرن بابت غلط اطلاع ڦهلايا ويا هن ٻڌايو ته سمورن اميدوارن جون جوابي ڪاپيون ذميواري سان چيڪ ڪيون ويون ۽ جوابي چاٻي ۾ ڪا به غلطي نه هئي. سندس موجب هن سال ايم ڊي ڪيٽ لاءِ سڄي ملڪ مان 33 هزار کان وڌيڪ اميدوار رجسٽرڊ ٿيا هئا.

بقايا * 16**

ڪ انصاف لاءِ تياري جو لفظ ڪا خاص معنيٰ نٿو رکي، اسان جا ڪارڪن 24 ڪلاڪن اندر ئي ٻاهر نڪري اچن ٿا. علي امين گنڊاپور سان سندس لاڳاپا سٺا نه رهيا آهن هڪ انٽرويو ۾ هن چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سڀ کان وڌيڪ قربانيون خيبرپختونخوا جي عوام ۽ اسان ڏنيون خيبرپختونخوا جي عوام سندن بيانيو اڳ به رد ڪري چڪي آهي ۽ اڳتي به رد ڪندي هن چيو ته مخالف جيتريون مرضي پريس ڪانفرنسون ڪن، عوام کين ڏسڻ نٿي چاهي. اسان جي تياري مڪمل هئي. ان ڪري حڪومت وڏي انگ ۾ ڪنٽينر ۽ پوليس اهلڪار مقرر ڪيا، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته حڪومت پريشان هئي پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته تحريڪ انصاف لاءِ تياري جو لفظ ڪا خاص معنيٰ نٿو رکي، اسان جا ڪارڪن 24 ڪلاڪن اندر ئي ٻاهر نڪري اچن ٿا. پردي پٺيان ڳالهين بابت کيس ڪا ڄاڻ ناهي، تنهن هوندي به سياسي ماڻهن وچ ۾ رابطا هميشه قائم رهندا آهن جنيد اڪبر چيو ته اسان هر فورم استعمال ڪيو آهي، ملڪ به اسان جو آهي ۽ ادارا به اسان جا آهن، تنهن ڪري ڳالهين ذريعي رستو ڪڍڻ گهرجي. اسان جي پهرين ترجيح ملڪ آهي، سياست ان کانپوءِ آهي علي امين گنڊاپور بابت سوال تي جنيد اڪبر چيو ته سندس لاڳاپا سٺا نه رهيا آهن. تنهن ڪري مناسب نه هوندو ته هو علي امين گنڊاپور جي بيان تي تبصرو ڪري هن چيو ته ايڪس، واءِ، زيڊ جي ڪا اهميت يا حيثيت ناهي. هر ماڻهو جون خواهشون الڳ ٿي سگهن ٿيون، پر فيصلو پي ٽي آءِ جي باني عمران خان جو هوندو آهي ۽ سندس فيصلو سڀني لاءِ قبول هوندو آهي پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته جيستائين پارٽي جو باني عمران خان نه چوندو، تيستائين سهيل آفريدي وڏو وزير رهندو. سهيل آفريدي سان ماڻهو ۽ ڪارڪن لاڳاپيل آهن جنيد اڪبر چيو ته پردي پٺيان هميشه رابطا ٿيندا رهندا آهن. تحريڪ انصاف چار رڪني ڳالهين واري ڪميٽي به جوڙي آهي ۽ پارٽي ڳالهين تي يقين رکي ٿي. هن واضح ڪيو ته اسان اسلام آباد فتح ڪرڻ لاءِ ناهيون نڪتا

بقايا * 17**

حق استعمال ڪندي 4 آڪٽوبر تي لانگ مارچ ڪنداسين هڪ انٽرويو ۾ تحريڪ انصاف جي چيئرمين بئرسٽر گوهر چيو ته پي ٽي آءِ هڪ پرامن جماعت آهي ۽ آئيني ۽ قانوني حق استعمال ڪندي 4 آڪٽوبر تي لانگ مارچ ڪيو ويندو هن چيو ته پي ٽي آءِ انتشار پکيڙڻ لاءِ اسلام آباد نه اچي رهي آهي، اسان باني پي ٽي آءِ عمران خان جو علاج ۽ آزادي چاهيون ٿا

بقايا * 18**

نهنجي بيان ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته 29 سيپٽمبر 1983ع تي پنهل خان چانڊيو ۾ شهيد ٿيل 16 جيالن عوام جي حڪمراني جي حق، آئين ۽ جمهوريت خاطر پنهنجون جانيون قربان ڪيون. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پنهل خان چانڊيو جي شهيدن پنهنجي رت سان ثابت ڪيو ته عوام جي حڪمراني جي حق کي دٻائي نٿو سگهجي. آمريت جي ڪاري دور ۾ پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن جبر آڏو جهڪڻ بدران جمهوريت جي بحالي لاءِ پرامن مزاحمت جو رستو اختيار ڪيو هن چيو ته پنهل خان چانڊيو جا 16 شهيد، شهيد ٿارو چانڊيو، شهيد رجب علي چانڊيو ۽ شهيد علي شير چانڊيو، اسان جي دلين ۾ زنده رهندا بلاول ڀٽو زرداري چيو ته شهيد غلام مصطفيٰ چانڊيو، شهيد پير بخش چانڊيو، شهيد عرس چانڊيو، شهيد صديق چانڊيو ۽ شهيد گلاب چانڊيو جون قربانيون ڪڏهن به وساري نه سگهبيون هن چيو ته شهيد هاشم خاصخيلي، شهيد جانب خاصخيلي، شهيد ميرو خاصخيلي، شهيد علي گل خاصخيلي ۽ شهيد محمد رمضان خاصخيلي کي هميشه ياد رکيو ويندو هن چيو ته شهيد محبوب علي سولنگي، شهيد الله رکيو سولنگي ۽ شهيد حسين بخش منگنهار به اسان جي دلين ۾ هميشه زنده رهندا بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پنهل خان چانڊيو جي 16 شهيدن سميت ايم آر ڊي جا سمورا شهيد اسان جي جمهوري جدوجهد جو ناقابل فراموش باب آهن هن چيو ته ايم آر ڊي جا سمورا شهيد اسان جي دلين ۾ هميشه زنده رهندا، جڏهن ته انهن جا نالا ايندڙ نسلن لاءِ جمهوريت جي جدوجهد جي روشن علامت رهندا.

بقايا * 19**

ال ڪري ڇڏيو وفاقي آئيني عدالت قرار ڏنو ته جنسي عنصر کانسواءِ شڪايت وفاقي محتسب جي دائري ۾ نٿي اچي، جڏهن ته ادارا اڻ وڻندڙ رويي تي سروس رولز تحت ڪارروائي ڪري سگهن ٿا عدالت چيو ته هراسان ڪرڻ واري قانون جو مقصد ڪم واري هنڌ تي جنسي هراسان ٿيڻ کان تحفظ فراهم ڪرڻ آهي. عدالت موجب، هر نامناسب رويو جنسي هراساني جي زمري ۾ نٿو اچي ۽ هراسان ڪرڻ واري قانون تحت ڪارروائي لاءِ جنسي عنصر ضروري آهي. عدالت چيو ته هراساني وارو ايڪٽ عام شڪايتن تي لاڳو نٿو ٿئي واضح رهي ته وفاقي محتسب ٻن بينڪ آفيسرن کي برطرف ڪيو هو ۽ صدر برطرفي جي سزا تبديل ڪري چنڊ پٽ واري سزا ڏني هئي. جڏهن ته هاءِ ڪورٽ صدر جو حڪم ڪالعدم قرار ڏئي محتسب جو فيصلو بحال ڪيو هو.

بقايا * 20**

[illegible]

جيئن منصوبي جو پهريون مرحلو (فيز_I) موجوده مالي سال دوران شروع ٿي سگهي. اجلاس ۾ گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، گهرو سيڪريٽري اقبال ميمڻ، انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جاويد عالم اوڍو، وڏي وزير جو پرنسپال سيڪريٽري آغا واصف، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه، سيڪريٽري ناٿو اصغر ميمڻ ۽ پوليس جي سينيئر آفيسرن شرڪت ڪئي. تجويز ڪيل منصوبي جو مقصد ايس ايس يو جي ڪمانڊ، ٽريننگ، رهائش ۽ مددگار بنيادي ڍانچي کي چوڪنڊي ۾ لڳ ڀڳ 29.43 ايڪڙن تي پکڙيل هڪ ئي خاص مقصد لاءِ تيار ڪيل ڪيمپس ۾ گڏ ڪرڻ آهي جيڪو 3,000 کان وڌيڪ مردن ۽ 300 عورتن جي عملي کي جديد سهولتون فراهم ڪندو وڏي وزير کي بريفنگ ڏني وئي ته سنڌ ۾ موجود پوليس جي تربيتي سهولتون پراڻي دور جون آهن ۽ اهي هاڻي جديد سيڪيورٽي چئلينجن، خاص ڪري خصوصي ڪمانڊو ٽريننگ، شهري جنگ جي تياري، سيموليشن تي ٻڌل مشقن ۽ ترقي يافته حڪمت عملي جي عملياتن کي مناسب طور تي حل نٿيون ڪن. تجويز ڪيل اڪيڊمي ۾ هڪ وقف هيڊڪوارٽر عمارت، علمي ۽ انتظامي بلاڪ، آڊيٽوريم، تحقيق ۽ ترقي جون سهولتون، لائبريريون، ڪمپيوٽر ليبارٽريون، ڪلاس روم، اندور ۽ آئوٽ ڊور فائرنگ رينجز، حڪمت عملي جي تربيتي ڪمپليڪس، سيموليشن روم، جنگي تربيتي زون، K_9 (سيائڻ ڪتن جي) تربيتي سهولتون، هڪ SWAT چئلينج رڪاوٽن وارو ڪورس، راندين ۽ فٽنيس جو بنيادي ڍانچو، رهائشي بلاڪ، آفيسرن جون رهائشگاهون ۽ جامع ويلفيئر جون سهولتون شامل هونديون. ان موقعي تي ڳالهائيندي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته سنڌ پوليس جي صلاحيت کي مضبوط ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيحن مان هڪ آهي. هن چيو ته گذريل سالن ۾ سيڪيورٽي خطرن جي نوعيت ۾ نمايان تبديلي آئي آهي. اسان جي سيڪيورٽي ادارن کي جديد بنيادي ڍانچي، ترقي يافته تربيتي نظام ۽ خصوصي صلاحيتن سان ليس هجڻ گهرجي ته جيئن سامهون ايندڙ چئلينجن جو موثر جواب ڏئي سگهجي. وڏي وزير چيو ته تجويز ڪيل سهولت خصوصي سيڪيورٽي تربيت لاءِ هڪ بهترين مرڪز طور ڪم ڪندي ۽ ايس ايس يو جي آپريشنل تياري کي ڪافي حد تائين وڌائيندي. هن چيو ته هي منصوبو صرف عمارتون تعمير ڪرڻ بابت ناهي؛ هي سنڌ جي طويل المدتي سيڪيورٽي آرڪيٽيڪچر ۾ هڪ سيڙپڪاري آهي. هي ادارتي صلاحيت کي مضبوط ڪندو، پيشورانه معيارن کي بهتر بڻائيندو ۽ بدلجندڙ خطرن جي خلاف مسلسل تياري کي يقيني بڻائيندو هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته هڪ وقف تربيتي اڪيڊمي ايس ايس يو جي عملي کي بين الاقوامي بهترين طريقن جي مطابق جديد سيموليشن تي ٻڌل تربيت ۽ خصوصي حڪمت عملي جي مشقن ذريعي مسلسل پيشورانه ترقي حاصل ڪرڻ جي قابل بڻائيندي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ماسٽر پلان ۾ هزارين اهلڪارن لاءِ رهائش جي سهولتن، هڪ ئي وقت 1,000 ماڻهن کي کاڌو کارائڻ جي صلاحيت رکندڙ ڊائننگ هالن، سوئمنگ پول ۽ جمنازيم سان گڏ هڪ اندور اسپورٽس ۽ ٽريننگ ڪمپليڪس، هڪ ميڊيڪل ڊسپينسري، ڪانفرنس جي سهولتن، اسلحو خانو، ڊرائيونگ سيموليٽر، پريڊ گرائونڊ ۽ محفوظ پارڪنگ ايريا شامل آهن. ڊيزائن ۾ سيڪيورٽي جون خاصيتون جهڙوڪ سي سي ٽي وي ڪمانڊ سينٽر، ڪنٽرولڊ ايڪسس سسٽم، واچ ٽاور ۽ بم پروف پريميٽر ديوارون به شامل ڪيون ويون آهن. مالي فريم ورڪ جو جائزو وٺندي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته منصوبي جي ڪل تخميني لاڳت 9.497 ارب رپيا آهي جڏهن ته فيز_I، جنهن جي لاڳت لڳ ڀڳ 4.483 ارب رپيا آهي، ايندڙ ٻن مالي سالن ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ تجويز ڪيو ويو آهي. گهرو کاتي ترجيحي ڪمن کي شروع ڪرڻ لاءِ 500 ملين رپين جي شروعاتي ري_اپروپريشن جي تجويز ڏني. مراد علي شاهه مرحليوار لاڳو ڪرڻ واري حڪمت عملي جي توثيق ڪندي چيو ته هي حڪومت کي مالي نظم و ضبط برقرار رکڻ ۽ ٻين ترجيحي منصوبن جي فنڊن کي محفوظ رکندي اهم ترقياتي ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏيندو هن چيو ته سيڪيورٽي ۽ ترقي گڏ گڏ هلن ٿا. اسان کي عوامي وسيلن جي سمجهداري سان انتظام کي يقيني بڻائيندي پنهنجن ادارن کي مضبوط ڪرڻ گهرجي. مرحليوار طريقو اڳتي وڌڻ جو هڪ عملي رستو آهي. وڏي وزير مالي کاتي ۽ پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ کاتي کي هدايت ڪئي ته اهي ترجيحي بنيادن تي منصوبي جي ٽيڪنيڪل ۽ مالي جاچ مڪمل ڪن ۽ ڪيس رپورٽ پيش ڪن. اجلاس جي پڇاڙي ڪندي وڏي وزير صوبائي حڪومت جي ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته هڪ جديد، پيشيور ۽ ٽيڪنيڪي طور ليس پوليس فورس تيار ڪئي وڃي جيڪا مستقبل جي سيڪيورٽي چئلينجن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت رکندڙ هجي. هن چيو ته اسان جي شهرين جي حفاظت ۽ سيڪيورٽي اسان جي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي طاقت ۽ تياري تي منحصر آهي. هي اڪيڊمي اعليٰ تربيت يافته، مشن لاءِ تيار اهلڪار پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪندي ۽ سنڌ جي مجموعي سيڪيورٽي جي تياري کي وڌيڪ هٿي ڏيندي. وڏي وزير منصوبي جي اصولن مطابق منظوري ڏني ۽ لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته اهي موجوده مالي سال جي اندر فيز_I کي شروع ڪرڻ لاءِ ضروري طريقيڪار شروع ڪن.

بقايا * 21**

025ع واري حڪم کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ نيب جي درخواست ۾ اٿاريل نقطن کي غور طلب قرار ڏيندي ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري جواب طلب ڪري ورتو چيف جسٽس سرفراز ڊوگر ۽ جسٽس اعظم خان تي ٻڌل ڊويزن بينچ ٻڌڻي جو حڪم نامو جاري ڪيو نيب موجب اسلام آباد جي

ٻڌڻ کانسواءِ ڏنو ويو نيب موجب اثاثا منجمد ڪرڻ وارو حڪم ختم ڪندي اهم شاهدين ۽ رڪارڊ کي به نظر ۾ نه رکيو ويو نيب ٻڌايو ته ڌر نمبر 2 نصير عبدالله حسين لوٿا ضابط فوجداري جي شق 164 تحت پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائي چڪو آهي. نيب موجب نصير عبدالله حسين لوٿا مبينا ڏوهه جي ارتڪاب بابت شق 164 تحت بيان رڪارڊ ڪرايو ڌر نمبر 4 جي وڪيل محمد وقاص ملڪ عدالت ۾ پيش ٿي نوٽيس وصول ڪري ورتو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ نيب جي درخواست تي وڌيڪ ڪارروائي لاءِ ڪيس جي ٻڌڻي 27 آڪٽوبر تي مقرر ڪري ڇڏي.

بقايا * 22**

ٽن (ر) صفدر کي 5 ارب رپين جي هرجاڻي جو قانوني نوٽيس موڪلي ڇڏيو آهي نوٽيس جي متن موجب، ڪوڙا ۽ سخت توهين جوڳا الزام لڳائڻ جي نتيجي ۾ اهو نوٽيس موڪليو ويو آهي نوٽيس موجب، ڪيپٽن (ر) صفدر احسن يون جي تعليمي قابليت ۽ وڪالت بابت الزام لڳايا آهن نوٽيس ۾ چيو ويو آهي ته ڪيپٽن صفدر اهڙيون دعوائون به ڪيون، جيڪي سڌيءَ ريت احسن يون تي حملو آهن نوٽيس ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته ڪيپٽن (ر) صفدر 7 ڏينهن اندر احسن يون کان غير مشروط معافي وٺي.

بقايا * 23**

2027 کان ملڪ ۾ هڪجهڙو گئس ٽيرف لاڳو ڪرڻ لاءِ عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) کان منظوري وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي ان مقصد لاءِ حڪومت کي موجودا ڪراس سبسڊي وارو نظام ختم ڪري گهٽ آمدني وارن گهرن لاءِ هدف واري مالي مدد جي خاطر لڳ ڀڳ 162 ارب رپيا مختص ڪرڻا پوندا تجويز ڪيل سڌارن تحت پاڪستان ۾ لاڳو گئس جي 12 سليبس تي ٻڌل ٽيرف نظام ختم ڪيو ويندو جنهن تحت واهپيدارن ماهوار گئس جي استعمال مطابق مختلف اگهه ادا ڪندا آهن ان جي بدران سمورن واهپيدارن جي ڪيٽيگريز کي مرحليوار اٽڪل 1708 رپيا في ايم ايم بي ٽي يو جي هڪجهڙي سراسري ٽيرف ڏانهن منتقل ڪيو ويندو.

بقايا * 24**

ت جي اندروني ڳالهين جا تفصيل سامهون اچي ويا آهن، جن موجب ٻنهي اڳواڻن اتفاق ڪيو ته سهيل آفريدي جو وڌيڪ عرصو وڏو وزير رهڻ صوبي لاءِ نقصانڪار آهي ذريعن موجب ملاقات دوران صوبي ۾ امن امان جي صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو ۽ ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ اتفاق ٿيو ته سهيل آفريدي جو وڌيڪ عرصو وڏو وزير رهڻ صوبي لاءِ نقصانڪار آهي ذريعن موجب امير مقام چيو ته گورنر راڄ آئيني رستو آهي، حالتن موجب فيصلو ڪري سگهجي ٿو جڏهن ته ايوان اندر تبديلي مثبت اڳڀرائي ثابت ٿيندي امير مقام چيو ته موجوده صورتحال ۾ هم خيال پارٽين جي ڪانفرنس گهرائڻ جي تجويز آهي. ان کان علاوه صوبي جي صورتحال بابت گڏيل حڪمت عملي جوڙڻ تي پڻ زور ڏنو ويو فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته وفاقي حڪومت جڏهن چاهي گورنر راڄ لاڳو ڪري سگهي ٿي. هن دعويٰ ڪئي ته سهيل آفريدي دهشتگردي خلاف جنگ ۾ رياست بدران دهشتگردن سان گڏ آهن.

بقايا * 25**

ي ۽ گهرو وزير محسن نقوي وچ ۾ اهم ملاقات بلاول هائوس ڪراچي ۾ ٿي ذريعن ٻڌايو ته ملاقات دوران ملڪ جي مجموعي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا * 26**

ان ماڻهوئي پريشانين کي منهن نه ڏئي رهيا آهيون پر مان به هاڻ ٽرين تي سفر شروع ڪري ڇڏيو آهي، ڇو ته پيٽرول تمام گهڻو مهانگو ٿي ويو آهي، گورنر هائوس مان جڏهن گاڏي نڪرندي آهي ته پاڻي سان نه پيٽرول سان هلندي آهي هن چيو ته هونئن به ڪفايت شعاري مهم جي سلسلي ۾ اسان جي بجيٽ کي به گهٽ ڪيو ويو آهي. ڪير به گهرائي ٿو ته اسان چوندا آهيون ته ڪفايت شعاري مهم آهي، ڪفايت شعاري جي چڪر ۾ اسان ڪيتريون ئي شيون ۽ سفر ڇڏي ڏنا آهن. هن جو چوڻ هو ته جن قومن ترقي ڪئي اهي 40_50 سالن لاءِ منصوبه بندي ڪنديون آهن اسان جي پاڙيسري ملڪ چين ۾ به ترقي جي ڊگهي وقت جي منصوبه بندي ڪئي ويندي آهي. انهي کان علاوه نهال هاشمي سان بلوچستان پوليس جي تربيت هيٺ ڊي ايس پيز گورنر هائوس ملاقات ڪئي. تقريب کي خطاب ۾ سنڌ جي گورنر چيو ته تربيت هيٺ پوليس آفيسر ملڪ جو مستقبل آهن. پوليس آفيسر صرف قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪار نه پر معاشري جا سماجي معالج به آهن. سنڌ جي گورنر چيو ته پوليسنگ جو مقصد قانون جي دائري ۾ رهندي امن امان قائم ڪرڻ آهي. پوليس ۽ عوام جي وچ ۾ مضبوط اعتماد دير تائين امن جي بنياد آهي. سيد محمد نهال هاشمي چيو ته پوليس آفيسر عوام سان رابطو ۽ تعاون جي ذريعي مسئلن جي حل ۾ موثر ڪردار ادا ڪن. بلوچستان ۾ امن، استحڪام جي لاءِ حفاظتي قدمن سان گڏ ترقي، عوامي شموليت ۽ معاشي موقعا ضروري آهن. سنڌ جي گورنر نوجوان آفيسرن تي زور ڏنو ته اهي پنهنجي تعليم، تربيت ۽ پيشه وارانه صلاحيتون ملڪ ۽ قوم جي خدمت لاءِ ڪتب آڻين.

بقايا * 27**

ت يوسفزئي طرفان پارٽي چيئرمين بئرسٽر گوهر ۽ ٻين اڳواڻن کي لکيل خط ۾ چيو ويو آهي ته ملڪ جي وسيع تر مفاد ۾ لانگ مارچ فوري طور ملتوي ڪيو وڃي، جڏهن ته ٻاهرين خطرن ۽ دهشتگردي ۾ واڌ کي نظر ۾ رکندي احتجاج ملتوي ڪرڻ گهرجي هن خط ۾ لکيو ته وفاقي حڪومت ڪجهه معاملن کي بنياد بڻائي هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ چاهي ٿي، تنهنڪري رياست سان ٽڪراءُ بدران ڳالهين جي راهه هموار ڪئي وڃي. افغانستان طرفان

ڪيو هو هن اپيل ڪئي ته سندس گذارشات کي سنجيدگي سان ورتو وڃي.

بقايا * 28**

الهين دوران پنهنجي اڳواڻ جي آزادي چاهي ٿي، جنهن بابت ڪيترائي پيرا ٻڌائي چڪا آهيون ته ان جو فورم حڪومت نه عدالت آهي هن چيو ته قانوني ۽ آئيني طريقيڪار موجود هجڻ باوجود جيڪڏهن جلسن جلوسن ۽ شهرن تي چڙهائي ڪري باني جي آزادي ڪرائڻ چاهين ٿا ته ائين نٿو ٿي سگهي اعظم نذير تارڙ عمران خان کي خانگي اسپتال منتقل ڪرڻ بابت سپريم ڪورٽ جي حڪم تي موقف ڏيندي چيو ته سپريم ڪورٽ رڳو طبي معائني جو حڪم ڏنو هو جيڪو ٿي چڪو آهي. هن چيو ته جيڪڏهن عدالتي حڪم تي عملدرآمد ۾ ڪا ڪمي يا ڪوتاهي آهي ته ان جو جائزو عدالت کي وٺڻو آهي. جلسن ۽ جلوسن سان ائين نه ٿيندو ٻئي پاسي پي ٽي آءِ اڳواڻ سينيٽر علي ظفر چيو ته لانگ مارچ 4 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪرڻ کانپوءِ هاڻي حڪومت وٽ ڳالهين جو موقعو آهي، حڪومت هڪ قدم اڳتي وڌائي ته ڳالهين جي شروعات ٿي سگهي ٿي، هن چيو ته 27 سيپٽمبر کان اڳ اپوزيشن ليڊر جي ملاقات ٿي هئي، جنهن کي ڳالهين جو نالو نٿو ڏئي سگهجي هن وڌيڪ چيو ته ڳالهين لاءِ ڪميٽين ذريعي بند ڪمري ۾ ڳالهه ٻولهه ٿيڻ گهرجي، جڏهن ته 4 آڪٽوبر جو لانگ مارچ حتمي آهي ۽ حڪومت لانگ مارچ کان ڊنل آهي.

بقايا * 29**

ظامي يونٽن ۽ اختيارن جي ورڇ بابت جاري بحث جي پسمنظر ۾ سامهون آيون آهن ڪراچي يونيورسٽي ۾ اي پي ايم ايس او پاران منعقد ڪيل جشنِ اردو جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي علي خورشيدي چيو ته جشنِ اردو هڪ ساليانو پروگرام آهي، جنهن ۾ مشاعرو، بيت بازي، مڪالمو ۽ ٻيا پروگرام ٿيندا آهن. اردو قومي ٻولي آهي ۽ اهو اي پي ايم ايس او جو قومي پروگرام آهي هن ٻڌايو ته اڄ بيت بازي جو موضوع پڻ انتظامي يونٽ آهي. عالمي رسالن ۾ ٻڌايو پيو وڃي ته ڪراچي هاڻي دنيا جو ٽيون بدترين شهر آهي، اسان ڪراچي کي اهڙي طريقي سان خراب ٿيندي ڏسي نٿا سگهون. اڄ اسان جو موقف سڄي ملڪ جو موقف آهي، تنهن ڪري حڪمراني جو نمونو تبديل ڪرڻو پوندو علي خورشيدي چيو ته هن جمهوري ملڪ ۾ عوام ئي بااختيار نه ٿي رهيو آهي. اسان نوجوانن لاءِ ڇا ڪري رهيا آهيون؟ اسان جو اشرافيه سان ڪو تعلق ناهي، اسان عوام ۾ رهون ٿا. هن چيو ته صوبا نه ٻڌجڻ ڏيڻ ٻن پارٽين جو نه، پر ٻن خاندانن جو مسئلو آهي. هڪ پاسي ٻه خاندان آهن ۽ ٻي پاسي سڄو عوام آهي ايم ڊي ڪيٽ جي نتيجن تي تبصرو ڪندي هن چيو ته ڪراچي ۾ رڳو ڍانچو ئي خراب ناهي ڪيو ويو، پر تعليم کي به تباهه ڪيو ويو آهي. ميٽرڪ ۽ انٽر بورڊ ۾ بي ضابطگين بابت رپورٽ آئي، پر ڪا ڪارروائي نه ٿي. حڪمراني جو نمونو تبديل ٿيندو ته هر شعبي ۾ تبديلي ايندي هن چيو ته اورنج لائن بابت ڳالهائيندي ڳالهائيندي زبان ٿڪجي پئي آهي، 22 لک شاگرد يونيورسٽي روڊ جي صورتحال سبب پريشان آهن. يونيورسٽي روڊ تي شاگردن کي تنگ ڪرڻ ۽ تڪليف ڏيڻ سنڌ حڪومت جو ڪارنامو آهي. حڪومت هٺورو رويو رکي ٿي، 2024ع کان ٻڌي رهيا آهيون ته يونيورسٽي روڊ کولڻ وارو آهي. هتي لوهي سريءَ به لڳائي وڃي ٿي ته افتتاح ڪرڻ لاءِ اچي وڃن ٿا مخالف ڌر جي اڳواڻ چيو ته اسڪولن لاءِ مخصوص بجيٽ ۾ 22 ارب رپيا رکيا ويا آهن، هاڻي اهي رقمون اسڪولن تي خرچ به ٿيڻ گهرجن. سنڌ ۾ لنگڙو نظام ۽ پنجاب ۾ هڪ عورت جي حڪمراني وارو نمونو آهي ڪراچي يونيورسٽي ۾ عارضي بنياد تي هلندڙ نظام بابت سوال تي علي خورشيدي چيو ته سڄو نظام وقتي بندوبست تي هلي رهيو آهي، تنهن ڪري حڪمراني جو نمونو تبديل ڪرڻو پوندو پيٽرول جي قيمت بابت هن چيو ته پيٽرول جي قيمت يقيناً هڪ مسئلو آهي، پر منهنجي چوڻ سان اهو مسئلو حل نه ٿيندو الله ڪري عالمي معاملن ۾ بهتري اچي.

بقايا * 30**

ا، خاص طور تي سنڌ جي سرڪاري کاتن ۽ ٻين عوامي ادارن وٽ موجود معلومات تائين شهرين جي رسائي کي آسان بڻائڻ لاءِ موجود طريقيڪار ۽ ضابطن بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وفد جو استقبال سنڌ انفارميشن ڪميشن جي انفارميشن ڪمشنرن محمد سليم خان ۽ نور محمد دايو ۽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ذوالفقار علي شيخ ڪيو وفد ۾ ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل انڊونيشيا جي پروگرام آفيسر محترمه ازا اڪبراني ۽ پراجيڪٽ آفيسر گيتا آيا اتيڪاه شامل هيون، جڏهن ته ساڻن گڏ ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان جي پراجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر محترمه نسرين ميمڻ، پروگرام ايسوسيئيٽ محترمه فريحا فاطمه ۽ اسسٽنٽ پراجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر افان فهيم پڻ موجود هئا. ملاقات دوران سنڌ انفارميشن ڪميشن جي نمائندن مهمان وفد کي سنڌ ٽرانسپيرنسي اينڊ رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2016 جي اهم شقن، ڪميشن جي مينڊيٽ ۽ ذميوارين، ۽ شهرين پاران صوبي جي سرڪاري کاتن توڙي ٻين عوامي ادارن کان معلومات حاصل ڪرڻ جي طريقيڪار بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. وفد کي شفافيت، جوابدهي، بهتر حڪمراني ۽ عوام جي معلومات تائين رسائي کي هٿي وٺرائڻ ۾ سنڌ انفارميشن ڪميشن جي ڪردار بابت پڻ آگاهه ڪيو ويو. معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ درخواستون جمع ڪرائڻ جي طريقيڪار، گهربل معلومات فراهم نه ٿيڻ جي صورت ۾ شهرين لاءِ موجود قانوني ۽ اداري واري طريقيڪار ۽ معلومات تائين رسائي بابت شڪايتن جي ازالي لاءِ ڪميشن کي حاصل اختيارن بابت پڻ تفصيل سان آگاهه ڪيو ويو. ان موقعي تي انفارميشن ڪمشنر محمد سليم

پنهنجا تجربا ۽ نقطه نظر هڪ ٻئي سان ونڊڻ جو اهم موقعو فراهم ڪيو سنڌ انفارميشن ڪميشن ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل انڊونيشيا جي وفد جي دوري کي ساراهيندي شفافيت، جوابدهي ۽ معلومات جي حق واري قانوني فريم ورڪ تي اثرائتي عملدرآمد کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان جي مسلسل سهڪار ۽ رابطن کي پڻ ساراهيو. ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل انڊونيشيا جي وفد سنڌ انفارميشن ڪميشن جي ڪارڪردگي ۽ مستقبل جي منصوبن کي ساراهيو وفد اميد ظاهر ڪئي ته ڪميشن جي مسلسل ڪوشش سان سنڌ جي عوامي ادارن ۽ شهرين ۾ سنڌ ٽرانسپيرنسي اينڊ رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2016 بابت آگاهي ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو بعد ۾ وفد جي ميمبرن کي سنڌ جي روايتي ثقافتي سوکڙي اجرڪ پڻ پارايا ويا

بقايا * 31**

۽ ٻين جوابدارن خلاف منشيات جي ڪيسن جي ٻڌڻي ٿي درخشان پوليس 6 مهينن کانپوءِ جاچ مڪمل ڪري وڌيڪ 3 ڪيسن جا عبوري چالان عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا. عدالت عبوري چالان منظور ڪندي ٽنهي ڪيسن کي ضلعي ۽ سيشن جج جي عدالت منتقل ڪري ڇڏيو عبوري چالان ۾ جوابدار عورت انمول عرف پنڪي ۽ سندس 3 ساٿين عمر، فهد حسين ۽ اويس بيگ کي گرفتار ڄاڻايو ويو آهي چالان موجب جوابدار عورت انمول عرف پنڪي شهر ۾ منشيات جو وڏو نيٽ ورڪ هلائي رهي هئي، جڏهن ته گرفتار ٿيل ٻيا جوابدار سندس سهولتڪار هئا.

بقايا * 32**

رر ڪئي وئي آهي دهشتگردي توڙ عدالت ۾ ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا خلاف پروٽوڪول ٽوڙڻ ۽ پوليس تي تشدد جي ڪيس جي ٻڌڻي جج طاهر عباس سپرا ڪئي، جنهن دوران ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا کي وڊيو لنڪ ذريعي پيش ڪيو ويو ٻڌڻي دوران وڪيل رياست علي آزاد ۽ زينب عدالت ۾ پيش ٿيا. ان موقعي تي پروٽوڪول ٽوڙڻ ۽ پوليس تي تشدد واري ڪيس ۾ چالان جون ڪاپيون ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا جي وڪيلن کي فراهم ڪيون ويون عدالت چيو ته ايندڙ ٻڌڻي تي ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا تي فرد جرم لاڳو ڪئي ويندي. ان لاءِ عدالت 6 آڪٽوبر جي تاريخ مقرر ڪندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي ياد رهي ته ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا خلاف سيڪريٽريٽ ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ٿيل آهي ٻئي طرف دهشتگردي توڙ عدالت ۾ ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا خلاف ڪوهسار ٿاڻي ۾ داخل احتجاج واري ڪيس ۾ عدالت ٻنهي جوابدارن جي ضمانت وارين درخواستن تي ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا دهشتگردي توڙ عدالت جي جج ابوالحسنات محمد ذوالقرنين ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، جنهن دوران عدالت ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي 5 آڪٽوبر تي دليل ڏيڻ جي هدايت ڪئي ٻڌڻي دوران شيرين مزاري چيو ته ايمان مزاري ۽ هادي علي چٺا کي رات جو عدالت کولرائي پيش ڪيو ويو، جنهن تي جج ابوالحسنات محمد ذوالقرنين چيو ته عدالت رات جو نه کولي وئي هئي، پر اڳ ئي پنهنجو ڪم ڪري رهي هئي. عدالت کي آگاهه ڪيو ويو هو ته رمانڊ اچي رهيو آهي، تنهن ڪري مان ويٺو رهيو هئس.

بقايا * 33**

ن پهرين جنوري کان 29 سيپٽمبر 2026ع تائين پوري سنڌ جي مليريا جو تفصيلي ڊيٽا جاري ڪيو ويو آهي. جاري ڪيل انگن اکرن موجب ان دوران پوري صوبي ۾ مجموعي صورتحال هيٺئين ريت رهي. سڄي سنڌ ۾ مجموعي طور تي 1,915,058 ماڻهن جي مليريا اسڪريننگ ڪئي وئي. پوري صوبي ۾ مليريا جا ڪل 117,016 ڪيس رپورٽ ٿيا. سيريبرل مليريا ۾ مبتلا ٿي اسپتال ۾ داخل ٿيندڙ مريضن جي ڪل تعداد ٻڙي (صفر) رهي. ان عرصي دوران مليريا سبب ڪا به فوتگي رپورٽ ناهي ٿي، ۽ ڪل فوتگين جو تعداد ٻڙي (صفر) رهيو ڊويزن وار تفصيل هن ريت آهن. حيدرآباد ڊويزن ۾ ڪل 626,282 ماڻهن جي اسڪريننگ ڪئي وئي ۽ ڪل 46,183 ڪيس سامهون آيا. سکر ڊويزن ۾ 191,328 اسڪريننگ مان ڪل 12,058 ڪيس رپورٽ ٿيا. لاڙڪاڻو ڊويزن ۾ 583,691 ماڻهن جي اسڪريننگ ڪئي وئي ۽ ڪل 33,785 ڪيس رڪارڊ ڪيا ويا. ميرپورخاص ڊويزن ۾ 187,980 اسڪريننگ کان بعد ڪل 10,898 ڪيس سامهون آيا. شهيد بينظيرآباد ڊويزن ۾ 270,123 ماڻهن جي اسڪريننگ ٿي ۽ ڪل 13,005 ڪيس رپورٽ ٿيا. ڪراچي ڊويزن ۾ ڪل 55,654 ماڻهن جي اسڪريننگ ڪئي وئي ۽ مليريا جا 1,087 ڪيس سامهون آيا. صحت کاتي پاران سمورن ڊويزنن ۾ مليريا جي روڪٿام ۽ نگراني جو عمل اثرائتي طريقي سان جاري آهي.

بقايا * 34**

مهاڻن جا لاش چائنا پورٽ پرسان سمنڊ مان ڪڍيا ويا. فوت ٿيلن جي سڃاڻپ عبدالسلام، منا ۽ سعيد جي نالن سان ڪئي وئي آهي ايڌي اختيارين موجب 5 مهاڻن تي ٻڌل ٻيڙي گذريل ڏينهن مڇي مارڻ لاءِ ويندي حادثي جو شڪار ٿي هئي. حادثي کانپوءِ 2 مهاڻن کي محفوظ طور بچايو ويو، جڏهن ته 3 ڄڻا گم ٿي ويا هئا ريسڪيو اختيارين گم ٿيل مهاڻن جي ڳولا لاءِ رات دير سان آپريشن روڪي ڇڏيو هو، تنهن هوندي به رضاڪارن ۽ غوطه خورن جي مدد سان اڄ صبح ڀيهر ڳولا وارو آپريشن شروع ڪيو ويو، جنهن دوران ٽنهي مهاڻن جا لاش به هٿ اچي ويا.

بقايا * 35**

ڪندي تحريڪ انصاف کي لانگ مارچ ڪرڻ جو چئلينج ڏيندي چيو ته پي ٽي آءِ لانگ مارچ نٿي ڪري سگهي، اها

بقايا عوامي سوچ 01

ي ڪاروائيءَ زربعي هڙپ ڪري رهيا آهن. هڪڙي پاسي ڏڪاري حالتن سبب مال جو چارو نہ هئڻ ڪري ۽ چوپايو مال بک ۽ بيمارين جي ڪري وڏي تعداد ۾ مري رهيو آهي تہ ٻي پاسي لائيو اسٽاڪ کاتو سياسي پوتارن جي ونگاري بڻيل آهي. جيڪو ڪنهن غريب مالوندن جي دانهن ڪوڪ ٻڌڻ لاءِ بہ تيار نہ آهي. ۽ سرڪاري دوائون پرائيويٽ اسٽورن تي وڪرو ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. جيڪي لائيو اسٽاڪ جي ملي ڀڳت سان گهري قيمت عيوض وڪرو ڪري رهيا آهن. ليڪن اهڙي انڌير نگري باوجود واسطيدار اختيارين جي اکين تي نوٽن جون پٽيون ٻڌجي چڪيون آهن. ڳوٺ متارو ساند جي رهواسين ميرمحمد هنگورجو، الهوسايو هنگورجو، طيب ساند، ناگجي ڪولهي، وشنو ڪولهي، چيتن ڪولهي ۽ ٻين سخت احتجاج ڪندي چيو آهي تہ لائيو اسٽاڪ جي ڪرپٽ ڪامورن توڙي پرائيوٽ اسٽور مالڪن جيڪي سرڪاري دوائون وڪرو ڪري رهيا آهن انهن خلاف ڪارروائي ڪري مسڪين ماروئڙن جي گذران جو واحد ذريعو چوپايو مال بچايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 02

بري ڪري ڇڏيو. مقدمي جي تفصيل موجب ٿاڻي چوهڙجمالي ۾ داخل ايف آءِ آر نمبر 78/2025 جي سلسلي ۾ سيشن ڪيس نمبر 16/2025 جي ٻڌڻي سجاول ڪورٽ ۾ هلي رهي هئي. دفاعي وڪيل، هاءِ ڪورٽ جي نامياري وڪيل عرفان گل ميمڻ ڪورٽ ۾ پنهنجا بيهد مضبوط، اثرائتا ۽ قانوني دلائل پيش ڪندي پراسيڪيوشن جي پوري ڪيس کي تحريري نظيرن ۽ قانوني نقطن تحت رد ڪرايو. معزز سيشن جج سجاول، وڪيل عرفان گل ميمڻ جي مڪمل ۽ شاندار دلائل سان اتفاق ڪندي، ملزم انتظار مرگهال (Intiza Mirgal) کي تمام اتهامين مان مڪمل طور تي بري ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 03

ريٽري جنرل محمد شريف پالاري، مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري معشوق علي گگو، مرڪزي انفارميشن سيڪريٽري اڪرم بلوچ ۽ سينئر دوست مدثر علي جاگيراڻي، اڪرم بلوچ پاران ضلعي ٺٽي جو اهم تنظيمي دورو ڪري سول اسپتال مڪلي پهتا. جتي پمسا 041 جي مرڪزي نائب صدر محراب علي پهنور، مرڪزي سينئر ڊپٽي چيف آرگنائيزر معشوق علي پهنور، مرڪزي وائيس چيئرمين نيازعلي رند، ممتاز هالو، مير جان پناڻ، سوين شاهہ، شمروز بيگ، مظفر ڪلمتي، فياض ميمڻ، علي نواز ڪلمتي، مسرور پيرزادو واحد بخش پٽي، وحيد ميمڻ خميسو خان لنڊ ويلجي ڪارو ۽ ٻين عهيدارن ۽ ميمبرن پاران مرڪزي قيادت جو ماناٿو استقبال ڪري مٿن گلن جي ورکا ڪئي وئي، جتي تنظيم جو هڪ اهم اجلاس پڻ منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ سمورن عهيدارن ۽ ورڪرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ ضلعي ۽ يونٽ جي تنظيمي معاملن، ملازمن کي درپيش مسئلن، سنڌن جائز حقن ۽ يونٽ جي ڪارڪردگي بابت تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ڪري ضلعي ۽ يونٽ جي عهيدارن پاران مرڪزي قيادت کي تنظيمي ڪارڪردگي ۽ ملازمن کي درپيش مسئلن بابت تفصيلي بريفنگ ڏيندي مرڪزي صدر شاهي خان گاجيراڻي ۽ مرڪزي سيڪريٽري جنرل محمد شريف پالاري پاران ضلعي ۽ يونٽ جي عهيدارن ۽ ميمبرن کي يقين ڏياريو ويو تہ هو ملازمن جي جائز مسئلن ۽ حقن جي حل لاءِ هر ممڪن آئيني ۽ تنظيمي ڪوششون جاري رکي ويندي. مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون وٺي انهن جي حل ڪرائيندا، هنن چيو تہ ايڪو، ٻڌي، اتحاد، اتفاق ۽ تنظيم ئي اسان جي طاقت آهي. سمورن ملازمن کي گهرجي تہ هو ايمانداري سان پنهنجو ڊيوٽيون ادا پنهنجي اداري کي اڳتي مضبوط ڪري پنهنجي ملازمن جي جائز مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد کي اڳتي کي تيز ڪن جيئن سنڌن جائز مسئلا جلد حل ٿي سگهن.

بقايا عوامي سوچ 04

موجب، جوا جي وڌندڙ سرگرمين سبب ڪيترائي خانداني معاشي ۽ سماجي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن. جڏهن تہ ڪجهہ خاندانن جا گهر اجڙڻ جون شڪايتون پڻ ڪيون پيون وڃن. شهرين جو چوڻ آهي تہ وينجهڪو اسٽاپ پرسان مبينا طور ضلعي سطح تي جوا جو اڏو سرگرم آهي، جتي روزانو وڏي انگ ۾ ماڻهو اچي جوا کيڏن ٿا. جوا جي اهڙين سرگرمين سبب نہ رڳو ماڻهن جي مالي حالت متاثر ٿيڻ جا خدشا آهن، پر خاندانن جي سڪون ۽ سماجي ماحول تي پڻ خراب اثر پئجي رهيو آهي. علائقي واسين جو چوڻ آهي تہ جوا جي وڌندڙ رجحان سبب ڪيترائي ماڻهو پنهنجي محنت جي ڪمائي وڃائي ويهن ٿا، جنهن جو اثر سنڌن گهرن ۽ ٻارن تي پڻ پوي ٿو. شهرين موجب، اهڙين سرگرمين جي روڪٿام لاءِ لاڳاپيل ادارن جي اثرائتي مداخلت ضروري آهي. پر وينجهڪو اسٽاپ پرسان مبينا جوا جي اڏي خلاف ڪا نمايان ڪارروائي نظر نہ اچڻ سبب عوام ۾ ڳڻتي وڌي رهي آهي. شهرين صالح پٽ پوليس ۽ ايس ايس پي سکر جي ڪارڪردگي تي سوال اٿاريندي پڇيو آهي تہ جيڪڏهن علائقي ۾ وڏي پيماني تي جوا جون سرگرميون جاري آهن تہ پوءِ انهن خلاف ڪارروائي ڇو نہ ڪئي وڃي؟ ڇا لاڳاپيل پوليس اختيارين کي انهن سرگرمين جي ڄاڻ ناهي، يا اها تائين انهن شڪايتن تي ڌيان ڏنو ويو آهي؟ علائقي واسين جو چوڻ آهي تہ جوا جي اڏي خلاف کلي عام آواز اٿارڻ لاءِ بہ ماڻهو تيار ناهن. جنهن سبب مسئلي بابت شڪايتن سامهون اچڻ باوجود صورتحال ۾ تبديلي نہ اچي سگهي آهي. شهرين مطالبو ڪيو آهي تہ عوام جي شڪايتن کي سنجيدگيءَ سان وٺي معاملي جي جاچ ڪئي وڃي. شهرين اها بہ سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان اپيل ڪئي آهي تہ وينجهڪو اسٽاپ پرسان مبينا طور هلندڙ جوا جي اڏي جو فوري نوٽيس وٺي، غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي. جيڪڏهن جوا جون سرگرميون ثابت ٿين تہ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. جڏهن تہ علائقي ۾ اهڙين سرگرمين جي مستقل روڪٿام لاءِ پڻ قدم کنيا وڃن. علائقي واسين اميد ظاهر ڪئي تہ اعلى پوليس اختيارين عوامي شڪايتن جو نوٽيس وٺي جوا جي خاتمي لاءِ عملي قدم کڻندا. جيئن علائقي ۾ قانون جي بالادستي قائم ٿي سگهي ۽ وڌيڪ خاندانن کي معاشي ۽ سماجي نقصان کان بچائي سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 05

چڻ تي وارثن ڪيس اغوا ڪرڻ جو شڪ ظاهر ڪندي گم ٿي ويل نوجوان جي گولا توڙي مبينا بازيابي ۾ مدد جي اپيل ڪري ڇڏي آهي. ان سلسلي ۾ ٺٽي لڳ يوسي ڏوماڻي جي ٻگهاڙ موري لڳ ڳوٺ حاجي محمد علي شورو جي رهواسي پيرسن شفيع محمد شورو ٺٽي پهچي صحافين اڳيان دانهيندي الزام هڻندي چيو آهي تہ هڪ هفتو اڳ 21 نومبر واري رات جو سنڌس نوجوان پائيٽو يامين ولد ولي محمد شورو جيڪو ٺٽي جي ڪوهستاني علائقي جنگشاهي ويجهو ست پاڳي چار جي اڳتي ڪوهستان 7/4 جنگشاهي ۾ پنهنجي ڪوهستاني زمين تي ڪم ڪار ڪرڻ دوران پراسرار طور گم ٿي ويو جنهن جي ڳهٽي گولا ڪرہ توڙي حد جي پوليس وٽ اطلاع ڪرڻ باوجود سنڌس گم ٿيل پائيٽي يامين شورو جو ڪوبہ ڏس پتو پئجي ناهي سگهيو. پيرسن شفيع محمد شورو خدشو ظاهر ڪندي چيو تہ ڪٿي سنڌس پائيٽي يامين شورو کي سنڌس برادري جي ڪجهہ ماڻهن جن سان سنڌن نااتفاقي ٿي اهي، ڪٿي انهن ڪيس ڪنهن نامعلوم سبب جي ڪري اغوا ڪري گم نہ ڪري ڇڏيو هجي، جنهن ڪري سنڌس جان کي خطرو پڻ لاحق ٿي ويو آهي، هنن ايس ايس پي ٺٽو، سيشن جج ٺٽو، ڊي سي ٺٽو، چونڊيل نمائندن سميت سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي تہ سنڌن گم ٿي ويل توڙي مبينا طور اغوا ٿي ويل نوجوان يامين شورو جي گولا ۾ مدد ڪري توڙي ڪيس بازياب ڪرائي سنڌن گمشدگي بابت مڪمل جانچ ڪرائي ملوثن خلاف ڪاروائي ڪرائي سنڌس وارثن کي پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 06

هندو هو ۽ ڪالهہ صبح ئي ڳوٺ موڏور ڪان مٿي پهتو هو پوليس جو چوڻ آهي تہ پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ بعد ئي نوجوان جي موت جا اصل سبب معلوم ٿي سگهندا. جڏهن تہ واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا عوامي سوچ 07

ڪري رٽائرڊ ٿيل سمورا ملازم سخت پريشان آهن. جن پاران ٺٽي پهچي سخت احتجاج ڪندي ميونسپل ڪميٽي ٺٽي جي رٽائرڊ ٿيل ملازم سينيٽري ورڪرز بشير مسيح، صديق مسيح، امجد مسيح، مشتاق، نظير مسيح، پروين مسيح، نسرين مسيح، صغري غفور ۽ ٻين چيو تہ ڪين رٽائرڊ ٿيندي 6 ڪان 10 سال گذري ويا آهن. پر ڪين اڃان تائين رٽائرڊ مينٽ، گريجوئٽي سميت ڪاٻہ ادائگي ناهي ڪئي ويئي، جنهن ڪري هو سخت پريشان آهن. هنن انڪشاف ڪندي چيو تہ ڪجهہ رٽائرڊ ٿيل ملازم پئسا نہ هجڻ ڪري هو پنهنجو بهتر علاج نہ ڪرائڻ ڪري بيماري سبب فوت ٿي ويا آهن. ڪافي ملازمن کي پئسا نہ ملڻ ڪري هو پنهنجي نياڻين جون شاديون بہ ڪراني ناهن سگهيا ۽ نئي بيمار ملازم پنهنجو ڪو بهتر علاج ڪرائي ٿا سگهن. هنن چيو تہ ڪافي ڀيرا احتجاج ڪرڻ سميت ميونسپل ڪميٽي ٺٽي جي چيئرمين ادا محمد ميمڻ، ڊي سي ٺٽو سميت چونڊيل نمائندن کي پڻ دانهون ڏنيون آهن، پر سواءِ دلاسن جي ڪوبہ عملي ڪم ٿي ناهي سگهيو. جنهن ڪري اسان سخت پريشان آهيون. هنن وس وارن کان گهر ڪئي تہ ڪين رٽائرڊ ٿيڻ بعد گريجوئٽي سميت سمورين مراعتون ڏيئي پريشاني کان بچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت ڪان سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 08

ي (DOC) براءِ ريگولر مرمت ۽ بحالي (M&R)، ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن ٺٽي جو اهم اجلاس منعقد ٿيو. جنهن ۾ ضلعي جي مختلف سرڪاري اسڪولن جي زبون حالي، مرمت ۽ بحالي سميت شاگردن کي درپيش تعليمي سهولتن بابت معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايجوڪيشن ورڪس، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران ضلعي جي مختلف علائقن ۾ موجود انهن اسڪولن جي صورتحال تي تفصيلي غور ڪيو ويو، جتي عمارتن جي مرمت ۽ بحالي جي ضرورت آهي. ان موقعي تي لاڳاپيل آفيسرن زبون حال ۽ متاثر ٿيل اسڪولن بابت تفصيل ۽ گهربل مرمتي ڪمن جي حوالي سان بريفنگ ڏني. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ مرمت ۽ بحالي جا گهربل اسڪول ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن جي ريگولر مرمت ۽ بحالي پروگرام ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ضروري قدم کنيا ويندا. ڊپٽي ڪمشنر سرمد علي ڀاڳٽ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ اسڪولن جي عمارتن ۽ بنيادي سهولتن جو جائزو وٺي ضروري مرمتي ڪمن کي ترجيحي بنيادن تي اڳتي وڌايو وڃي. هن چيو تہ تعليمي ادارن جي عمارتن جي مناسب سار سنڀال ۽ وقت سر مرمت نہ رڳو شاگردن لاءِ محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ ۾ تعليمي سرگرمين جي تسلسل لاءِ پڻ ضروري آهي. ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ هدايت ڪئي تہ مرمت ۽ بحالي جي ڪمن دوران ضروري گهرجن ۽ معيار کي مدنظر رکيو وڃي ۽ لاڳاپيل کاتا پاڻ ۾ رابطي ۽ هم آهنگي سان انهن معاملن کي جلد کان جلد مڪمل ڪن تہ جيئن شاگردن کي بهتر، محفوظ ۽ سازگار تعليمي ماحول فراهم ڪري سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 09

سخت احتجاج ڪيو ويو. احتجاج ڪندڙن پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ۽ پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪندي مبينا ڪارروائي کي سياسي ڪارڪنن کي هراسان ڪرڻ جي ڪوشش قرار ڏنو. احتجاج جي اڳواڻي ايس ٽي پي اڳواڻ طارق پناڻ، سليم ميمڻ، اڪبر پٽو، شوڪت ڪولاچي ۽ زوهيب خاصخيلي ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام لڳايو تہ محمد عثمان سومرو جي گهر تي پوليس اهلڪارن جي وڏي نفري سان چڙهائي ڪري گهر ڀاتين ۽ ڪارڪنن کي مبينا طور هراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن سبب سياسي ۽ سماجي حلقن ۾ ڳڻتي پکڙجي وئي آهي. ايس ٽي پي اڳواڻن جو چوڻ هو تہ پوليس پاران سياسي ڪارڪنن جي گهرن تي مبينا چڙهائين ۽ هراسان ڪرڻ واري عمل کي ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪيو ويندو هنن الزام لڳايو تہ پوليس ڪارروائين جو مقصد سياسي سرگرمين کي محدود ڪرڻ ۽ ڪارڪنن تي دٻاءُ وجهڻ آهي. اڳواڻن وڌيڪ چيو تہ 13 آڪٽوبر ڪان ايس ٽي پي سربراهہ ڊاڪٽر قادر مگسي جي اڳواڻي ۾ شروع ٿيندڙ "سنڌ منهنجي امان" تحريڪ جي سلسلي ۾ ضلعي ٽنڊو محمد خان جي مختلف شهرن، ڳوٺن ۽ علائقن ۾ عوامي رابطا مهم تحت دورا ۽ گڏجاڻيون ڪيون وينديون. سنڌن دعويٰ هئي تہ انهن سياسي سرگرمين سبب مبينا طور حڪمران ڌر پاران ڪارڪنن کي دٻاءُ ۾ آڻڻ لاءِ پوليس ذريعي ڪارروائين جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي. احتجاج ڪندڙ اڳواڻن ايس ٽي پي ڪارڪنن جي گهرن تي مبينا چڙهائين ۽ هراسان ڪرڻ واري عمل جي مذمت ڪندي ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان، ڊي ايس پي بلڙي شاهہ ڪريم ۽ ايس ايڇ او ملاڪاتيار ڪان مطالبو ڪيو تہ معاملي جو نوٽيس وٺي مبينا پوليس ڪارروائي بابت شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ سياسي ڪارڪنن کي بنا جواز هراسان ڪرڻ جو سلسلو فوري طور بند ڪيو وڃي. ايس ٽي پي اڳواڻن چيو تہ سياسي اختلافن کي پوليس ڪارروائين ذريعي دٻائڻ بدران جمهوري ۽ قانوني طريقي سان منهن ڏيڻ گهرجي. هنن مطالبو ڪيو تہ سياسي ڪارڪنن جي آئيني ۽ قانوني حقن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي. ان موقعي تي اڳواڻن چتاءُ ڏنو تہ جيڪڏهن سياسي ڪارڪنن کي مبينا طور هراسان ڪرڻ، گهرن تي چڙهائين ۽ دٻاءُ وجهڻ جو سلسلو بند نہ ڪيو ويو تہ ايس ٽي پي پاران احتجاج جو دائرو وڌائيندي شهر اندر شٽربند هڙتال جو سڏ ڏيڻ سميت وڌيڪ احتجاجي قدم کنيا ويندا.

بقايا عوامي سوچ 10

هري ڪئي، جتي شهرين پاران تعليم، آبپاشي، روينيو، صحت واپڊا پاپوليشن ۽ ٻين کاتن خلاف شڪايتون پيش ڪيون ويون. ريجنل ڊائريڪٽر ڪيترن ئي شهرين جون شڪايتون ٻڌي لاڳاپيل عملدارن کي بروقت مسئلا حل ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ان موقعي تي زاهد حسين برڙو چيو تہ عوام کي تڪڙو ۽ سستو انصاف فراهم ڪرڻ محتسب اعليٰ جو اولين فرض آهي. ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي مختلف علائقن ۾ کليل ڪچهريون منعقد ڪري عوامي مسئلا حل ڪيا پيا وڃن. هن شهرين کي اپيل ڪئي تہ سرڪاري کاتن بابت پنهنجون شڪايتون لکت ۾ پيش ڪن تہ جيئن انهن جو جلد از جلد ازالو ڪري سگهجي. کليل ڪچهري ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار شڪيل احمد سومرو، ٽائون آفيسر ياسين احمد پٽو، فياض پان عبداللطيف ڏيرو، ايس ايڇ او ڏوڪري محمد ابراهيم بروهي، غيور عباس عباسي، آبپاشي کاتي جي عملدار محمد بخش زهراڻي، صحافي فدا حسين ابڙو، اطهر سنڌيلو، علي اصغر ميمڻ، قاضي فريد ياسين ميراڻي، محمد امين، شهري ياسين ميراڻي، عمران غلام عباس ۽ ٻين وڏي انگ ۾ پڻ شرڪت ڪئي. بعد ۾ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ زاهد حسين برڙو ڏوڪري پريس ڪلب جو پڻ دورو ڪيو

بقايا عوامي سوچ 11

ن تحت ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي اهم گڏجاڻي ٿي. گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر عبدالحليم جاگيراڻي چيو تہ ضلعي ۾ نيشنل ايڪشن پلان تي اثرائتي نموني هر صورت عملدرآمد کي يقيني بڻايو ويندو ۽ سمورا لاڳاپيل ادارا پنهنجيون ذميواريون مڪمل سنجيدگي ، گڏيل رابطي ۽ مربوط حڪمت عملي تحت سرانجام ڏين. هن اها پڻ هدايت ڪئي تہ غير رجسٽرڊ مدرسن جي سڃاڻپ ڪري قانون موجب ضروري ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سمورن مدرسن جي رجسٽريشن ۽ نگراني واري نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي. تعليم کاتي پاران ضلعي ۾ بند اسڪولن ، انهن جي بحالي ، شاگردن جي داخلا جي موجوده صورتحال ۽ داخلا مهم بابت پڻ تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. ڊپٽي ڪمشنر هدايت ڪئي تہ بند اسڪولن کي فعال بڻائڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن ، اسڪولن ۾ شاگردن جي داخلا ۾ واڌ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ڪوبہ ٻار تعليم کان محروم نہ رهي. هن ايڪسائيز اينڊ نارڪوٽڪس جي آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ غير قانوني سگريٽن جي وڪري ۽ ترسيل خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي. هن حيسڪو اختيارين کان ريڪوري مهم بابت اڳڀرائي جي رپورٽ طلب ڪندي ريڪوري جي عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ جي پڻ هدايت ڪئي. اجلاس ۾ نان ڪسٽم پيڊ شين خلاف ڪارروائين جو جائزو ورتو ويو. جڏهن تہ غير قانوني پيٽرول پمپ ، ناجائز قبضن ، اٽي جي ذخيره اندوزي ، اين او سي کان سواءِ هائوسنگ سوسائٽين جي تعمير ۽ معدنيات (مائنز اينڊ منرلز) تي غير قانوني قبضي خلاف ڪارروائين وڌيڪ تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي. ڊپٽي ڪمشنر ليبر کاتي کي هدايت ڪئي تہ هوٽلن ۽ ٻين هنڌن جا دورا ڪري سنڌ حڪومت پاران مقرر ڪيل پگهارن جي ادائيگي تي مڪمل عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي. اجلاس ۾ غير قانوني طور رهندڙ پرڏيهين جي جاچ، سڃاڻپ، تصديق ۽ قانوني حيثيت بابت پڻ تفصيلي جائزو ورتو ويو. ڊپٽي ڪمشنر پوليس ، ضلعي انتظاميہ ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي تہ حڪومت جي پاليسي موجب غير قانوني پرڏيهين خلاف ڪارروائي وڌيڪ اثرائتي بڻائي وڃي. مشڪوڪ ماڻهن جي بروقت جاچ ڪئي وڃي ۽ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ مڪمل رابطو برقرار رکيو وڃي. هن چيو تہ نوجوانن کي منشيات، انتهاپسندي ۽ ٻين سماجي برائين کان محفوظ رکڻ لاءِ کين راندين، تعليمي، سماجي ۽ فني سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي تہ سيمينار ، آگاهي سيشن ۽ تربيتي پروگرام باقاعدگي سان منعقد ڪيا وڃن تہ جيئن نوجوان پنهنجي صلاحيتن کي مثبت انداز ۾ استعمال ڪري سگهن ۽ معاشري جا ذميوار ۽ ڪارآمد شهري بڻجي سگهن. هن سمورن لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي تہ نيشنل ايڪشن پلان تحت مليل ذميوارين تي بروقت ۽ اثرائتي نموني عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي، ادارن وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي ۽ ايندڙ اجلاس ۾ هر کاتو پنهنجي واضح اڳڀرائي واري رپورٽ پيش ڪري. گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي ايس ايس پي ٿرپارڪر عارف عزيز پوليس کاتي پاران منشيات جي خاتمي، امن امان، سي پيڪ منصوبن جي سيڪيورٽي، ڏوهارين ۽ غيرقانوني رهندڙ پرڏيهين خلاف ڪاروائين جي تفصيلي بريفنگ پيش ڪئي، گڏجاڻي ۾ ايس ايس پي ٿرپارڪر عارف عزيز، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ٿرپارڪر هاشم مسعود، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو ٿرپارڪر عمير اشرف کان علاوه ايڪسائيز اينڊ نارڪوٽڪس ، پوليس ، صحت ، تعليم ، ليبر ، ورڪس اينڊ سروسز، سوشل ويلفيئر، حيسڪو، روينيو ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 12

'سطحي وفد دورو ڪيو. دوري دوران وفد کي فارم ۾ مختلف فصلن جي پوک، جديد زرعي طريقن ۽ بي ضرر آرگينڪ ڀاڻ جي تياريءَ بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. فارم انتظاميا پاران آيل مهمانن کي ٻڌايو ويو تہ مختلف فصلن لاءِ قدرتي ۽ آرگينڪ ڀاڻ ڪيئن تيار ڪئي ويندي آهي ۽ زمين جي زرخيزي سان گڏ پيداوار وڌائڻ ۾ جديد آرگينڪ فارمنگ جي طريقن کي ڪيئن استعمال ۾ آندو پيو وڃي. دوري دوران جاپاني وفد فارم تي بيٺل مختلف فصلن ۽ هلندڙ زرعي سرگرمين جو ترقياتي جائزو ورتو ۽ آرگينڪ فارمنگ جي معيار بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. وفد فارم ۾ قدرتي طريقي سان پيداوار حاصل ڪرڻ جي هلي سگهندڙ جتهد ۽ قدمن جي سخت تعريف ڪئي. ان موقعي تي سداباهار آرگينڪ فارم جي اڳواڻ محمد حسين خاصخيلي پاران جاپان مان آيل مهمانن جي شاندار جيءَ آيان ڪندي سنڌ جي قديمي ثقافت جي روايتي سوکڙي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا.

بقايا عوامي سوچ 13

اني حڪومتي معاملن ۽ ثقافتي توڙي راندين جي سرگرمين جي فروغ لاءِ سمورا لاڳاپيل ادارا گڏيل رابطي ۽ مربوط حڪمت عملي تحت پنهنجو ڪردار ادا ڪن. هن چيو تہ ضلعي رابطا ڪميٽي جي (TORs) موجب لاڳاپيل کاتا پنهنجون ذميواريون مؤثر نموني نڀائين ۽ ضلعي جي مجموعي ترقي ۽ بهتري لاءِ گڏيل سهڪار کي يقيني بڻائين. هن اهڙن خيالن جو اظهار ڊپٽي ڪمشنر سيڪريٽريٽ مٽياري جي لطيف هال ۾ ضلعي رابطا ڪميٽي (DCC) جي سماجي ۽ سياسي شعبي جي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو. اجلاس دوران ڪميٽي جي ٽرمز آف ريفرنس (TORs) موجب مختلف ايجنڊا آئٽمز تي تفصيلي غور ڪيو ويو. جڏهن تہ لاڳاپيل کاتن ۽ مڪاني حڪومتي ادارن سان لاڳاپيل معاملن جو پڻ جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ مڪاني حڪومتي معاملن، ميونسپل ادارن جي ڪارڪردگي، يونين ڪائونسلن سان لاڳاپيل معاملن، راندين جي سرگرمين، ثقافتي پروگرامن، اوقاف سان لاڳاپيل معاملن ۽ ٻين سماجي توڙي سياسي معاملن تي پڻ غور ڪيو ويو. ڊپٽي ڪمشنر محمد دانش ذاڪر لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ اجلاس ۾ بحث هيٺ آيل معاملن تي مؤثر اڳڀرائي يقيني بڻائي وڃي ۽ پنهنجي لاڳاپيل اختيار واري دائري ۾ ايندڙ مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي. اجلاس ۾ ضلعي مٽياري جي سمورين يونين ڪائونسلن جي چيئرمينن سميت ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ شريڪ ٿيا.

بقايا عوامي سوچ 14

مطالبو، اڪرم پٽ ادريس بجير چاچڙو پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي الزام هنيو تہ ڳوٺ جي بااثر جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. منهنجو وهنوار اوڌر پئسا واپسيءَ گهرڻ تي بااثر منهنجي جان جا دشمن بڻجي ويا آهن. جنهن خلاف ۽ پنهنجي تحفظ ۽ انصاف لاءِ مون ڪينسر پوليس ٿاڻي ۽ ڊي ايس پي چاچڙو کي درخواستون پڻ ڏنيون آهن پر پوليس اڃان تائين بااثرن خلاف ڪا بہ قانوني ڪارروائي نہ ڪئي آهي. هن وڌيڪ چيو تہ گذريل رات مون تي سڪيلڊو ۽ هارون ٻئي پٽ سڄڻ، جان محمد، لياقت، رياض، الله بخش، فاروق سڀئي پٽ سڪيلڊو بجير هنن مون تي حملو ڪري مارڪٽ ڪئي ڳوٺ وارن وچ ۾ مونکي ڇڏايو جنهن بعد آئون علاج جو ليٽر وٺڻ لاءِ ڪينسر پوليس ٿاڻي تي ويس جتي ٿاڻي جي منشي صديق بجير مخالفت ڌر جو پاسو کڻي مونکي ڌمڪيون ڏنيون صديق بجير مونکي مسلسل ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي ڪينسر ايس ايڇ او آڏو منٿون ڪرڻ ڪان پوءِ مونکي علاج لاءِ ليٽر ڏنو ويو، هن ڊي آئي جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ٿرپارڪر سميت ٻين اعلا اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ نوٽيس وٺي معاملي جي شفاف جاچ ڪري مون تي حملو ڪندڙ خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي ۽ مونکي تحفظ فراهم ڪيو وڃي. جڏهن مخالف ڌر سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر رابطو ٿي نہ سگهيو

بقايا عوامي سوچ 15

پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع دادو جي صدر ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر بئريسٽر پير مجيب الحق دادو پريس ڪلب پهچي زخمي صحافين عبدالستار شيخ، سجاد علي سولنگي، علي گل چنا، نديم شاهاڻي، محرم شينو، شراز شخ، شوڪت علي ملاح، ديدار شيخ سان عيادت ڪئي ۽ واقعي تي افسوس جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي پير مجيب الحق چيو تہ ماهر انجنيئرن ڪان دادو پريس ڪلب جي عمارت جو مڪمل معائنو ڪرايو ويندو، رڳو متاثر هال تائين محدود نہ رهندي پر ٽينڊر ڪرائي دادو پريس ڪلب جي متاثر ڪمرن جي ٻين حصن جي بہ مضبوط ۽ پائيدار طريقي سان مرمت ڪرائي ويندي، جيئن صحافين جون زندگيون محفوظ بڻائي سگهجن. دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ پير مجيب الحق کي زخمي صحافين جي صورتحال ۽ پريس ڪلب جي عمارت کي پهتل نقصان بابت آگاهي ڏيندي ٻڌايو تہ عمارت جي مرمت لاءِ اڳوات بہ درخواستون ڏنيون ويون هيون، پر عملي طور تي مرمتي ڪم نہ ٿي سگهيو پير مجيب الحق چيو تہ ٻوڏ ۽ برساتن جي تباهڪارين سبب اسڪولن ۽ ٻين سرڪاري عمارتن وانگر پريس ڪلب جي ڇت تي بہ پاڻي بيهڻ سبب عمارت متاثر ٿي، تنهن هوندي بہ اڳوات مرمتي ڪم ٿيڻ گهرجي ها، هن چيو تہ واقعي ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي ٿي آهي تہ ان بابت جاچ ڪرائي ذميوارن جو تعين ڪيو ويندو، هن چيو تہ صحافي معاشري جا معزز شهري آهن. جيڪي هر ڏکيءَ وقت ۾ هر مڪتب فڪر جي ماڻهن لاءِ آواز اٿارين ٿا، صحافين جي جائز ۽ بنيادي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ اسان جو فرض آهي. هن يقين ڏياريو تہ دادو پريس ڪلب جو مرمتي ڪم جلد شروع ڪرايو ويندو ۽ زخمي صحافين جي جلد صحتيابي لاءِ دعاگو آهيون. ان موقعي تي محمد عمر پنهور، امداد حسين ڏاوچ، احمد نواز سولنگي، صدام حسين بلهڙو، سجاد جوڻيجو، محمد حسين سولنگي، حاجي لائق سولنگي، امتياز پنهور، عبدالڪريم لغاري، طاهر لغاري، عالم ميمڻ، عبدالڪريم زنئور ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 16

ل آلٽو ڪار نمبر BLK_350 تحويل ۾ وٺي ڇڏي، پوليس موجب ڪار ۾ سوار ٻہ جوابدار گرفتاري کان بچڻ لاءِ ڪار ڇڏي فرار ٿي ويا، جن جي سڃاڻپ مبينا طور نصير عرف نندو پنڊ ۽ نعيم ولد غلام نبي پنڊ طور ٿي آهي، پوليس جو چوڻ آهي تہ تحويل ۾ ورتل ڪار مان Z_21 گٽڪا جا 6 بورا هٿ آيا، جن ۾ 270 پيڪٽ ڇاليہ موجود هئا، واقعي جو ڪيس گٽڪا مين پڙي ايڪٽ تحت فرار جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ انهن جي گرفتاري لاءِ وڌيڪ ڇاپن جو سلسلو جاري آهي. هوڙانهن قلجي اسٽيشن ۽ خدا آباد ٿاڻن جي حدن ۾ پڻ پوليس ڪاروايون ڪندي گٽڪا وڪرو ڪرڻ جي الزام ۾ ٻہ جوابدارن انور ابڙو ۽ الاهي بخش عرف الاهيو ڪوسو کي گرفتار ڪري ورتو، پوليس موجب گرفتار جوابدارن جي قبضي مان Z_21 گٽڪا ڇاليہ جا ٻہ پيڪٽ هٿ ڪيا ويا، متن الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

بقايا عوامي سوچ 17

يئيشن ۽ بهار فائونڊيشن گڏجي صحت ۽ انسانيت جي خدمت جاري رکندا ڊاڪٽر عمران خان هوميوپيٿڪ ڊاڪٽرن جي تنظيم ايش ويلفيئر ايسوسيئيشن جي 14 سالہ خدمتي سفر کي ساراهيندي بهار فائونڊيشن جي سرواڻ محمد سڄل وڏو چيو آهي تہ تنظيم جي سرواڻ ڊاڪٽر عمران خان جي برداشت، تحمل، نرم مزاجي ۽ انسانيت جي خدمت وارو جذبو ساراهہ جوڳو آهي. ڊاڪٽر عمران خان مشڪل حالتن ۾ بہ ساٿين کي گڏ کڻي هلڻ ۽ مسئلن جو حل ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهن. ايش ويلفيئر ايسوسيئيشن جي سالياني ايوارڊ تقريب دوران ايوارڊن سان سينگاريل ميز اوچتو ڪري پوڻ واري واقعي جو ذڪر ڪندي محمد سڄل وڏو چيو تہ اهڙي صورتحال ۾ ڊاڪٽر عمران خان جنهن تحمل، بردباري ۽ خوش اخلاقي سان معاملو سنڀاليو، اهو سندن شخصيت جو عملي مثال آهي. هن چيو تہ اهڙيون بردبار ۽ حوصلي واريون شخصيتون ئي ادارن کي مشڪلاتن مان ڪڍي اڳتي وٺي وينديون آهن. ڊاڪٽر شاهينہ مسعود مرحومہ جي خدمتن کي پيتا ايش ويلفيئر ايسوسيئيشن جي سالياني ايوارڊ تقريب ۾ انسانيت جي خدمت ڪندڙ عورتن کي پيتا پيش ڪئي وئي. جڏهن تہ ڊاڪٽر شاهينہ مسعود مرحومہ جي انساني خدمتن کي پڻ ياد ڪيو ويو. منهنجي امڙ پبلڪ لائبريري، ڏني بخش بروهي ڳوٺ ۾ منعقد ٿيل هڪ ڏينهن واري مفت طبي ڪئمپ ذريعي ضرورت مند ماڻهن تائين علاج جون سهولتون پهچائڻ ۾ سندن ڪردار کي ساراهيو ويو. بهار فائونڊيشن کي خدمتن جي اعتراف ۾ ايوارڊ تقريب دوران بهار فائونڊيشن کي پڻ انسانيت جي خدمت ۾ ڪيل ڪوششن جي اعتراف طور ايوارڊ سان نوازيو ويو. بهار فائونڊيشن جي سرواڻ محمد سڄل وڏو چيو تہ هي اعزاز رڳو هڪ فرد لاءِ نہ، پر انهن سمورن ساٿين، رضاڪارن ۽ خيرخواهن جي خدمتن جو اعتراف آهي، جيڪي تعليم، صحت ۽ سماجي ڀلائي لاءِ اداري سان گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن. بهار فائونڊيشن ۽ ايش ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران ماضي ۾ مفت طبي ڪئمپن ۽ مهربان بازار سميت مختلف فلاحي سرگرميون گڏجي منعقد ڪيون ويون آهن. ٻنهي ادارن جو مقصد ضرورت مند ماڻهن تائين صحت ۽ ٻين بنيادي سهولتن کي پهچائڻ آهي. هر ٽن مهينن بعد مفت طبي ڪئمپ لڳائڻ جي تجويز بهار فائونڊيشن پاران اميد ظاهر ڪئي وئي تہ ايش ويلفيئر ايسوسيئيشن سان گڏجي گهٽ ۾ گهٽ هر ٽن مهينن بعد بهار فائونڊيشن جي مقرر ڪيل هنڌ تي مفت طبي ڪئمپ لڳائي ويندي، جنهن سان هوميوپيٿڪ علاج کان محروم ضرورت مند ماڻهن کي فائدو پهچندو. بهار فائونڊيشن جي سرواڻ محمد سڄل وڏو، ڊاڪٽر عمران خان ۽ ايش ويلفيئر ايسوسيئيشن جي سمورن ساٿين جي خدمتن کي ساراهيندي چيو تہ "انساني خدمت اسان جي سڃاڻپ، انسانيت جي ڀلائي اسان جو مشن آهي." هن اميد ظاهر ڪئي تہ ٻنهي ادارن پاران مستقبل ۾ پڻ گڏجي تعليم، صحت ۽ انسانيت جي ڀلائي لاءِ وڌيڪ عملي قدم کنيا ويندا. هاڻي پيارا، مون بار بدران هر هنڌ بهار فائونڊيشن، خدمات بدران خدمتون، ۽ معزز اردو انداز بدران سنڌي اخبار وارو انداز رکيو آهي

بقايا عوامي سوچ 18

وڏي انگ جي موجودگي جيڪو شهرين لاءِ پريشاني جو سبب بڻجي وئي آهي. شهرين موجب شهر جي مصروف مارڪيٽن، بينڪن، چوڪن، هوٽلن، ٽرڪ اڏن، بس اڏن ۽ ٻين عوامي هنڌن تي گداگر شهرين کان پئسا طلب ڪن ٿا. جڏهن تہ ڪجهہ هنڌن تي مسلسل اسرار ڪرڻ جون شڪايتون پڻ سامهون اچي رهيون آهن. شهرين جو چوڻ آهي تہ انڪار ڪرڻ جي صورت ۾ ڪجهہ ماڻهن پاران نامناسب رويو اختيار ڪرڻ جون شڪايتون پڻ مليون آهن. جنهن ڪري عوام کي تڪليفي سان منهن ڏيڻو پوي ٿو. شهرين جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ ڪجهہ ماڻهو مختلف طريقن سان ماڻهن جون همدرديون حاصل ڪري رقم يا ٻيون شيون وٺڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جڏهن تہ ڪجهہ هنڌن تي غيرضروري شيون وڪرو ڪرڻ جي آڙ ۾ پڻ شهرين کان رقم حاصل ڪئي وڃي ٿي. جڏهن تہ عورت گداگر نوجوانن کي غلط انهي آڙ ۾ تعليم ۽ روزگار کان متاثر ڪري ڇڏيا آهن شهرين ۽ سيول سوسائٽي پاران انتظاميا ۽ لاڳاپيل قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو آهي تہ گداگر تي ڪڙي نظر رکي وڃي ۽ قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ پيشہ ور گداگري جي روڪٿام لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن. شهرين جو چوڻ آهي تہ ڪارروائي سان گڏ حقيقي مستحق ماڻهن جي سڃاڻپ ڪري کين مناسب سهولتون ۽ امداد فراهم ڪرڻ جو نظام پڻ جوڙيو وڃي. جيئن ضرورت مند ماڻهن کي باعزت طريقي سان مدد ملي سگهي ۽ گداگري جي نالي تي شهرين کي پيش ايندڙ تڪليفن جو پڻ خاتمو ٿي سگهي

بقايا عوامي سوچ 19

قمر زمان پنهنجي ٽيم سان گڏ دادو پريس ڪلب پهچي ڪريل ڇت جو معائنو ڪيو ۽ واقعي بابت تفصيل معلوم ڪيا. ان موقعي تي هن ڇت ڪرڻ سبب زخمي ٿيل صحافين سان عيادت ڪري سنڌن صحت بابت پڻ معلومات ورتي دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ انفارميشن کاتي جي آفيسر قمر زمان کي واقعي بابت تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو تہ ڪانفرنس هال جي ڇت اوچتو ڪري پوڻ سبب ڪيترائي صحافي زخمي ٿيا. جڏهن تہ پريس ڪلب جي عمارت ۽ سامان کي پڻ نقصان پهتو آهي. ان موقعي تي آفيسر قمر زمان ڇت ڪرڻ واري واقعي تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو تہ پريس ڪلب جي عمارت جي مرمتي ڪم جي جلد شروع ڪرائڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن جي ذميواري آهي. جيئن صحافين لاءِ محفوظ ماحول فراهم ٿي سگهي. هن چيو تہ انفارميشن کاتي پاران زخمي ٿيل صحافين ۽ دادو پريس ڪلب کي پهتل نقصان جا تفصيلي رپورٽ گڏ ڪري انفارميشن کاتي ۽ سنڌ حڪومت کي اماڻيا ويندا، جيئن معاملي کي اعليٰ اختيارين آڏو رکيو وڃي ۽ ضروري ڪارروائي ٿي سگهي. پريس ڪلب جي انتظاميا پاران انفارميشن کاتي جي آفيسر ۽ سنڌس ٽيم پاران واقعي جو نوٽيس وٺڻ ۽ زخمي صحافين جي عيادت ڪرڻ تي ٿورا مڃيا ويا

بقايا عوامي سوچ 20

س ۽ عوام جي وچ ۾ رابطي کي وڌيڪ موثر بڻائڻ لاءِ اي ايس پي (يو ٽي) عبدالرب شاهہ جي نگراني ۾ ڊي ايس پي آفيس تعلقہ شجاع آباد ڪمپليڪس ۾ هڪ کلي ڪچهري جو انعقاد ڪيو ويو. ڊي ايس پي شجاع آباد محمد امين جنجيو، ايس ايڇ او ۽ پوليس اسٽيشن ميرواهہ گورچاڻي قربان علي راجڙ، ايس ايڇ او تعلقہ پوليس اسٽيشن مجيب الرحمان، اي ايس آءِ اڪبر علي لغاري ۽ ٻيا پوليس آفيسر پڻ ان موقعي تي موجود هئا. مختلف علائقن مان شهري کلي ڪچهري ۾ شرڪت ڪئي ۽ پوليس آفيسرن کي پنهنجن مسئلن، شڪايتن ۽ مختلف قسمن جي مسئلن بابت آگاهي ڏني. ان موقعي تي شهرين امن امان، ڏوهن جي روڪٿام ۽ پوليس سان لاڳاپيل معاملن سميت پنهنجن علائقن ۾ درپيش مسئلن تي تفصيل سان بحث ڪيو. کلي ڪچهري دوران، ميرواهہ گورچاڻي، ڪنيڙي، پڪٽ ڳوٺ ۽ ٻين علائقن جا شهري منشيات جي اسمگلنگ ۾ ملوث آهن. عوام ۾ وڪرو بابت شڪايتون پڻ داخل ڪيون ويون. شهرين چيو تہ ڪجهہ علائقن ۾ شراب، آئيس، مين پڙي، گٽڪو، سفينہ، شيشو ۽ ٻين منشيات ۽ نشي آور شين جي مبينا وڪري بابت شڪايتون داخل ٿي رهيون آهن. جنهن جي ڪري نوجوان ۽ سماج جا ٻيا طبقا متاثر ٿي رهيا آهن. ۽ نوجوان خودڪشي جهڙا قدم کڻڻ تي مجبور ٿي رهيا آهن. شهرين مطالبو ڪيو تہ قانون موجب منشيات جي مبينا واپار ۾ ملوث عنصرن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي. خاص طور تي انهن هنڌن جي نشاندهي ڪري جتي منشيات ۽ نشي آور شين جي مبينا خريد ۽ وڪري جون شڪايتون ملي رهيون آهن. اي ايس پي (يو ٽي) عبدالرب شاهہ شهرين جي شڪايتن ۽ مسئلن کي غور سان ٻڌو ۽ انهن کي يقين ڏياريو تہ جمع ڪرايل شڪايتن کي قانون ۽ ضابطن موجب ڏٺو ويندو. هن لاڳاپيل پوليس آفيسرن کي شهرين جي شڪايتن جي قانوني ۽ فوري حل لاءِ ضروري هدايتون پڻ جاري ڪيون. ان موقعي تي اي ايس پي (يو ٽي) عبدالرب شاهہ چيو تہ اهڙيون کليل ڪچهريون عوامي شڪايتن جي ازالي ۽ پوليس ۽ شهرين جي وچ ۾ رابطي کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. شهرين پوليس آفيسرن جي مسئلن کي ٻڌڻ ۽ انهن جي حل لاءِ هدايتون جاري ڪرڻ جي شروعات کي ساراهيو ۽ اميد ظاهر ڪئي تہ کلي ڪچهرين ۾ پيش ڪيل شڪايتن تي عملي قدم کنيا ويندا.

بقايا عوامي سوچ 21

شاهہ کي ماڻهن جي دلين ۾ هميشہ لاءِ زنده رکيو آهي اڳوڻي صوبائي وزير سيد علي نواز شاهہ، جيڪو هڪ انسان دوست، ميرپورخاص ڊويزن جي معتبر سياسي شخصيت ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي ويجهن ۽ مخلص ساٿين مان هڪ هو. جو دور اڄ بہ هن هنڌ جي رهواسين لاءِ سونهري دور سمجهيو ويندو آهي. هن هميشہ سياست کي عبادت سمجهيو ۽ ماڻهن جي خدمت ڪئي ۽ پنهنجي پيل علائقن جي ترقي جي وهڪري ۾ آڻڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪيو. سندس اقتدار واري دور کي عوامي حلقن ۾ سونهري اکرن ۾ ياد ڪيو ويندو آهي ڇاڪاڻ تہ هن نہ رڳو بيروزگار نوجوانن کي مستحق ماڻهن کي ميرٽ تي روزگار جا وسيع موقعا فراهم ڪيا، پر انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ لاءِ تاريخي قدم پڻ کنيا. بجلي جي ڏکيءَ عرصي کان هلندڙ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ، سنڌس دور ۾ هڪ وڏو پاور هائوس منظور ڪيو ويو. جنهن علائقي ۾ انتظامي ۽ توانائي جي بحران کي وڏي حد تائين حل ڪيو. ان کان علاوه، گهٽين ۽ رستن جي تعمير سان گڏ، جديد طرز جا پيور بلاڪ لڳايا ويا ۽ شهر ۽ ان جي آس پاس جي ڪچي رستن کي پڪي رستن ۾ تبديل ڪيو ويو. غريب ۽ ضرورت مند خاندانن کي سر لڪائڻ لاءِ رهائشي گهر فراهم ڪرڻ ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جا منصوبا پڻ سنڌس نظريي جو واضح ثبوت آهن. جڏهن وقت جو ڦيٿو ڦريو، جڏهن پارٽي پاليسين تي اختلاف پيدا ٿيا، سيد علي نواز شاهہ اصولن تي سمجهوتو ڪرڻ بدران، پيپلز پارٽي سان پنهنجا سيئي پوئين سياسي لاڳاپا ۽ لاڳاپا ختم ڪرڻ ۽ آزاد اميدوار طور ميدان ۾ لهڻ جو فيصلو ڪيو. هن پنهنجي ذاتي مقبوليت ۽ عوامي خدمت جي بنياد تي پنهنجي سيني مخالفن کي شڪست ڏني ۽ آزاد اميدوار طور وڏي آساني سان اليڪشن کٽي. اڄ، زميني حقيقتون هي آهن تہ سيد علي نواز شاهہ جو پيپلز پارٽي يا ڪنهن ٻئي روايتي سياسي پليٽ فارم سان ڪو بہ تعلق ناهي. بلڪ، هو هڪ مڪمل طور تي آزاد اميدوار طور سياست ڪري رهيو آهي ۽ موجوده سياسي منظرنامي ۾ ميرپورخاص جي سطح تي سڀ کان مضبوط، مقبول ۽ توانائي وارو اميدوار سمجهيو ويندو آهي. ان دوران جڏهن ڪرونا وائرس جهڙي خوفناڪ وبا پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ پنهنجي لپيٽ ۾ اچي چڪي هئي ۽ هر هنڌ خوف ۽ هراس ڇانيل هو. تڏهن سيد علي نواز شاهہ سياست جون سڀ حدون توڙي پنهنجي حلقي جي غريبن ۽ ضرورتمندن جي مدد ڪئي. هن ماڻهن جو پورو نوٽيس ورتو ۽ رنگ، نسل، مذهب يا سياسي وابستگي جي ڪنهن بہ فرق کان سواءِ مستحق گهرن تائين راشن ۽ نقد امداد پهچائڻ جو هڪ انتهائي منظم، شفاف ۽ مثالي نظام متعارف ڪرايو. جنهن جي مثال اڄ بہ ميرپورخاص ۽ ان جي آس پاس ۾ نٿي ملي. اهوئي سبب آهي جو سنڌس عوامي دوستي، خلوص، بي لوث خدمتن ۽ ايمانداري جي ڪري، ميرپورخاص جا رهواسي اڄا تائين سنڌس سياسي ميدان ۾ اثرائتي واپسي جو بي صبري سان انتظار ڪري رهيا آهن ۽ انهن جي دلين ۾ سيد علي نواز شاهہ لاءِ محبت اڄا تائين پهرين ڏينهن وانگر تازي ۽ چمڪندڙ آهي.

بقايا عوامي سوچ 22

سان ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جو اجلاس اڄ ڊي سي آفيس جي دربار هال ۾ منعقد ٿيو، جنهن ۾ ضلعي اندر مختلف غير قانوني سرگرمين خلاف کنيل قدمن ۽ انتظامي معاملن تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو اجلاس دوران حددخلين خلاف ڪاروائين، غير قانوني ۽ غير منظور ٿيل فيول پمپن خلاف قدمن، اسمگلنگ ۽ ذخيره اندوزي جي روڪٿام، بجلي چوري خلاف ڪارروائي، گداگري جي خاتمي، ٽريفڪ قانونن تي عملدرآمد، اسڪولن ڊمپس خلاف ڪريڪ ڊائون، پوائنٽ آف سيل (POS) جي نفاذ ۽ غير قانوني نان ڪسٽم پيڊ گاڏين خلاف ڪارروائين بابت اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ ضلعي ۾ غير قانوني سرگرمين جي روڪٿام، سرڪاري حڪمن تي مؤثر عملدرآمد ۽ عوامي سهولتن جي بهتري لاءِ مختلف کاتن وچ ۾ بهتر رابطا برقرار رکندي ڪارروايون جاري رکيون وڃن. ڊپٽي ڪمشنر ميونسپل ڪمشنر ۽ ٽائون آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ مڇرن خلاف اسپري مهم تيز ڪئي وڃي ۽ گٽرن تي سيمينٽ جا ڍڪ لڳايا وڃن. هن فوڊ ڪنٽرول اٿارٽي جي آفيسرن کي پڻ هدايت ڪئي تہ ضلعي ۾ غير معياري خوراڪ جون شيون تيار ۽ وڪرو ڪندڙن خلاف جاري ڪارروايون کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي. ڊپٽي ڪمشنر سيڪريٽري ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي گاڏين جي چڪاس جو عمل تيز ڪيو وڃي ۽ مسافرن کان مقرر ڪيل ڀاڙن کان وڌيڪ ڪرايو وصول ڪندڙ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي گاڏين خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. اجلاس ۾ مختلف کاتن جي آفيسرن پنهنجي پنهنجي کاتي جي ڪارڪردگي ۽ اڳڀرائي بابت ڪميٽي کي آگاهہ ڪيو. اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر صدام حسين ميمڻ، ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر مرتضيٰ ڳوهر، ايس پي موٽر وي پوليس محمد يونس، ميونسپل ڪمشنر عبدالرزاق شيخ، انفارميشن آفيسر اعجاز علي تيونو، ريسڪيو 1122 جي انچارج ذيشان زرداري سميت صحت، لوڪل گورنمينٽ، پوليس، تعليم، پاپوليشن، ايڪسائيز اينٽي ڪرپشن ۽ زڪوات کان علاوه اسسٽنٽ ڪمشنرز، ميونسپل ۽ ٽائون آفيسرن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 23

يشن پلان جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي. پر هن مهل تائين اهو ڪم مڪمل ٿي نہ سگهيو آهي. بيوٽي فڪيشن پلان جي ڪم شروع ٿيڻ سان سيوهڻ شهر ۾ سئي گئس جي سپلاءِ شهرين جي گهرن کي بند ڪئي وئي، جيڪا گذريل ڪيترن مهينن ڪان بند ڪئي وئي آهي. جنهن سان سيوهڻ شهر جي عوام کي جاني توڙي مالي نقصان پهچي رهيو آهي. سئي گئس نہ هئڻ ڪري سيوهڻ شهر جا شهري ايل پي جي گئس سلينڊرن ۽ گهرن ۾ استعمال ڪرڻ تي مجبور لڳايا پيا آهن. ايل پي جي گئس جو سلينڊر ڪيترو خطرناڪ آهي، ان کي گهر ۾ رکي استعمال ڪيو پيو وڃي. ان مان ڪيترو نقصان ٿي سگهي ٿو اهو هر ماڻهو ڄاڻي ٿو جاني نقصان ٿيڻ جو خطرو، ان سان گڏ گڏ ايل پي جي گئس جيڪو 250 روپيہ ڪلو هو ۽ هاڻي وڌي ڪري هاڻي 430 روپيہ ڪلو وڪرو ٿي پيو وڃي. جيڪو پڻ سيوهڻ جي عوام جو مالي نقصان ٿي رهيو آهي. جڏهن تہ سئي گئس انتظاميہ سيوهڻ طرفان ماهوار گئس جا بل پڻ جاري ڪيا پيا وڃن. جيڪي شهري انهي بل جمع ڪرائڻ تي مجبور آهن. جيڪڏهن بل جمع نہ ڪرائيندا تہ بل جي بقايا وڌندو ويندو، ان جي ڪري شهري گئس جي سپلاءِ بند هئڻ جي باوجود بہ گئس جا بل ڀرڻ تي مجبور آهن. اهو شهرين جي مالي نقصان ٿي رهيو آهي. جڏهن تہ گئس انتظاميہ سيوهڻ طرفان اهيو چيو پيو وڃي تہ گئس جي سپلاءِ اوترو وقت بحال نہ ٿيندي جيسيتائين سيوهڻ شهر ۾ بند رهندڙ جيسيتائين ٺيڪيدار گئس جون نيون لائنون نہ وڌو مڪمل ڪري. افسوس جو سڄو شهر گئس جي سپلاءِ کان محروم ، هاڻي جيتر ٺيڪيدار شهر جي گئس جون نيون لائنون نہ مڪمل ڪري اوترو وقت شهرين کي گئس جي سپلاءِ بند رهندي. ڪيڏي نااهلي آهي گئس انتظاميہ سيوهڻ جي. ڇا ؟ پراڻين لائنن ۾ گئس جي سپلاءِ بند نہ ڪري سگهجي. ڪلي سيوهڻ جي عوام کي گئس ڏيڻ ٿي تہ آهي. ڇا هيڏو وڏو ادارو آهي جو عارضي طور تي تہ ڪو بہ قدم کڻي شهرين کي گئس جي سپلاءِ جاري ڪرائي سگهي تہ ڇا گئس انتظاميہ سيوهڻ ائين نہ ڪري رهيو آهي. سيوهڻ شهر جو عوام ۾ خاموش رهي گئس جي اندر ۾ احتجاج ڪري رهي آهي. ۽ چئي رهي آهي تہ ڇا اهو سو اسان جي سيوهڻ بيوٽي فڪيشن پلان لڳو جو سيوهاڻين جا ڏک سور اهنج وڌائي پريشان ڪري ڇڏيو آهي. جيتري قدر بيوٽي فڪيشن پلان جو ڪم جي شهرين کي ڪيتري تڪليف پهچي رهي آهي. شهرين جا روڊ رستا ڪنڊرات جو ڍير ڏيئي رهيا آهن. هر روڊ رستن رڳو ڌوڙ نظر اچي رهي آهي. نيون لائنون سئي گئس جون [illegible] ڇڏيون آهن. ٺيڪيدار طرفان [illegible] ستياناس ڪري ڇڏي آهي. [illegible] گهٽين ۾ موجود ڇڏي وڃن ٿا. جنهن جي ڪري رات جي وقت بجلي جي لوڊشيڊنگ ۾ [illegible] شهرين کي تڪليف پهچي رهي آهي. سيوهڻ جا شهري شايد ان جي ڪري خاموش آهن تہ بيوٽي فڪيشن پلان جي ڪري ڪجهہ شهر جو بهتر ڪم ٿي پوي. پر بيوٽي فڪيشن پلان جي ڪري [illegible] مالي نقصان ٿي رهيو آهي. پر افسوس [illegible] نظر اچي رهيا آهن. سيوهڻ جي عوام جو مطالبو آهي تہ [illegible] چونڊيل نمائندا [illegible] اسيمبلي تائين [illegible] خاموش ڇو آهن. [illegible] سيوهڻ جي عوام کي گئس جي سپلاءِ [illegible] بحال ڪئي وڃي [illegible] جيئن شهري مان جان ڇڏائي سگهن ۽ پنهنجي معمول موجب زندگي گذاري سگهن * تحرير محمد صفرايم سيوهاڻي

بقايا عوامي سوچ 24

ميڊم طاهره پيچوهو ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تعلقو ٺٽو جناب مسعود احمد ملڪ صحافين کي ڏنل ميڊيا بريفنگ ۾ عوام کي آگاهہ ڪندي ٻڌايو تہ چيئرپرسن شهيد راڻي بينظير ڀٽو انڪم سپورٽ پروگرام پاڪستان ميڊم سينيٽر روبينہ خالد صاحبہ جي هدايت تي شهيد راڻي بينظير ڀٽو انڪم سپورٽ پروگرام جي مالي مدد ڪان محروم رهجي ويل غريب، بيوه، مستحق ۽ حقدار عورتن لاءِ ڊائناماڪ رجسٽريشن سروي شروع ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ ان جو شيڊول بہ جاري ڪيو ويو آهي. ڊائريڪٽر ٺٽو ميڊم طاهره پيچوهو غريب عورتن کي خاص هدايت ڪندي چيو تہ انڪم سپورٽ پروگرام طرفان شروع ڪيل ڊائناماڪ رجسٽريشن سروي غريب عورتن لاءِ بلڪل مفت آهي. ان ڪري ڪنهن بہ اڻڄاتل شخص يا پاڻ کي ايجنٽ ظاهر ڪندڙ فرد کي غلطي سان بہ هڪ رپيو ڏيڻ جي هرگز ضرورت ناهي. هن وڌيڪ چيو تہ سروي لاءِ رجوع ڪندڙ عورتن پنهنجي سنڌن شناختي ڪارڊ، پنهنجو موبائل فون نمبر ۽ بي فارم ضرور وٺي اچن انڪم سپورٽ پروگرام آفيس مڪلي جو عملو رجسٽريشن جي عمل ۾ عورتن سان مڪمل سهڪار ۽ رهنمائي ڪرڻ جو پابند آهي

بقايا عوامي سوچ 25

ڙ: تفصيل موجب منشيات فروشن ۽ ڏوهاري عناصرن خلاف مختلف ٿاڻن تي ڪارروايون ڪيون ويون آهن ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او پيرومل حاجي محمد اسحاق سنگرسي شراب ناهڻ وارين ڀٽين تي ڇاپا هڻي ڀٽيون تباهہ ڪيون ۽ ٻہ ڪرين ۽ 20 لٽر تيار ٿيل شراب پڻ هٿ ڪيو ۽ ان تيار ٿيل ۽ تياري جي مرحلي ۾ موجود سوين ليٽر شراب کي موقعي تي ضايع ڪري، 260 ليٽر تيار شراب هٿ ڪري منشيات فروش انيل پيل، پارو ۽ غلام حسين خاصخيلي جي گرفتاري ڪري ورتو آهي. ٻئي ڪارواهي ۾ ڪيول پيل وٽان گٽڪي جون 449 پڙيون هٿ ڪيون آهن ايس ايڇ او ڪاڙو ڏاڪر حسين سولنگي ڪيس نمبر 06 سال 2026، قلمر 302 تحت گرفتار ۽ چاڃ هيٺ جوابدار ماجد علي شر وٽان ڏوهہ ۾ استعمال ٿيل TT پستول هٿ ڪيو آهي. ايس ايڇ او منگلي محمد يوسف نارڃو منشيات فروش محمد فراز وٽان گٽڪي جون 220 پڙيون هٿ ڪيون آهن. ايس ايڇ او شهدادپور بدرالدين برڙو ساجد علي ساند وٽان 20 ليٽر شراب هٿ ڪيو آهي

بقايا عوامي سوچ 26

راڄ ڏينهن تائين انهن جي حل لاءِ عملي قدم نہ کنيا ويا آهن احتجاج ڪندڙن چيو تہ ڳوٺ ۾ بجلي جو مناسب نظام، گئس، پيئڻ جي صاف پاڻي، فلٽر پلانٽ ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ آهي. جڏهن تہ روڊ، رستا ۽ گهٽيون تہ ٽٽل حالت ۾ آهن. ڳوٺ ۽ پڪين گهٽين ۽ پيور بلاڪ جي سهولت پڻ موجود ناهي. ڳوٺائن جو چوڻ هو تہ ڳوٺ ۾ بہ هڪ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ احتجاج ڪيو ويو ۽ اعليٰ اختيارين کي درخواستون جمع ڪرايون ويون. پر اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ مسئلي تي عملي ڪم شروع نہ ٿي سگهيو آهي. احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو تہ ڳوٺ حاجي علو ساهوال جي بنيادي مسئلن جو فوري نوٽيس وٺي بجلي، گئس، صاف پاڻي، فلٽر پلانٽ، روڊن ۽ گهٽين سميت ضروري ترقياتي ڪم ڪرايا وڃن. ان موقعي تي سڄاد ساهوال، نثر ساهوال، محبوب ساهوال احتجاج جي اڳواڻي ڪئي ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مسئلا ترت حل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

بقايا عوامي سوچ 27

ٽيٽ جي سهڪار سان جاري ترقياتي منصوبن ۽ علائقي ۾ جاري مختلف اسڪيمن جي اڳڀرائي بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي يو اين هيبيٽيٽ جي ڊائريڪٽرن ۽ وفد کي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي آفيس آمد تي ڀليڪار ڪيو ۽ يونين ڪميٽي 1 ۾ جاري ترقياتي ڪمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. هن ٻڌايو تہ يو سي_1 ۾ مختلف ترقياتي منصوبن تي ڪم جاري آهي. جڏهن تہ ڪيترائي منصوبا مڪمل پڻ ٿي چڪا آهن ۽ باقي منصوبن تي پڻ تيزي سان ڪم جاري آهي. جيڪي جلد مڪمل ٿيڻ جي مرحلي ۾ آهن. حاجي نواز علي بروهي چيو تہ يو اين هيبيٽيٽ جي سهڪار سان يونين ڪميٽي 1 ۾ شروع ڪيل ترقياتي منصوبا علائقي جي شهرين کي بهتر بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ مقامي سطح تي شهري انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن هن چيو تہ جيڪي منصوبا مڪمل ٿي چڪا آهن، انهن جا مثبت اثر سامهون اچي رهيا آهن. جڏهن تہ جاري اسڪيمن جي مڪمل ٿيڻ سان شهرين کي وڌيڪ سهولتون ميسر ٿينديون. ملاقات دوران يو سي_1 ۾ جاري ترقياتي ڪمن جي موجوده صورتحال، مڪمل ٿيل اسڪيمن ۽ زيرتڪميل منصوبن سان گڏوگڏ ايندڙ ترقياتي منصوبن ۽ نين اسڪيمن بابت پڻ تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي. حاجي نواز علي بروهي چيو تہ علائقي جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي ترقياتي عمل کي وڌيڪ اڳتي وڌايو ويندو ۽ ايندڙ وقت ۾ ٻين عوامي ڀلائي لاءِ وڌيڪ منصوبا شروع ڪيا ويندا. ٽائون چيئرمين چيو تہ منگهوپير جي مختلف علائقن ۾ ترقياتي سرگرمين جو دائرو وڌائڻ ۽ عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ سنڌس ترجيحن ۾ شامل آهي ان ملاقات جو مقصد لاءِ يو اين هيبيٽيٽ سميت سمورن لاڳاپيل ادارن سان مؤثر رابطي ۽ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويندو، تہ جيئن جاري منصوبن کي جلد مڪمل ڪري سان گڏ مستقبل جي ضرورتن موجب نيون اسڪيمون پڻ شروع ڪري سگهجن. ملاقات دوران يو اين هيبيٽيٽ جي سهڪار سان جاري ترقياتي منصوبن جي اڳڀرائي تي جائزو وٺڻ سان گڏ مستقبل ۾ گڏيل سهڪار ذريعي يونين ڪميٽي 1 ۽ وڌيڪ علائقن ۾ ترقياتي ڪمن کي اڳتي وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن
وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ متارو ساند ۽ پرپاسي جي ڳوٺن ۾ چوپائي مال ۾ بيماري مسڪين مارووئڙن جا وٿاڻ خالي ڪري ڇڏيا

لائيو اسٽاڪ کاتو ڪروڙين روپين جي بجيٽ ڪاغذي ڪاروائيءَ ذريعي هڙپ ڪري رهيا آهن

هڪڙي پاسي ڏڪاري حالتن سبب مال جو چارو نه هئڻ ڪري ۽ چوپايو مال بک ۽ بيمارين جي ڪري وڏي تعداد ۾ مري رهيو آهي

لائيو اسٽاڪ کاتو سياسي ڀوتارن جي ونگاري بڻيل آهي، جيڪو ڪنهن غريب مالوندن جي دانهن ڪوڪ ٻڌڻ لاءِ به تيار نه آهي

اسلام ڪوٽ (رپورٽ امان الله هنگورجو) اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ متارو ساند ۽ پرپاسي جي ڳوٺن ۾ چوپائي مال ۾ بيماري مسڪين مارووئڙن جا وٿاڻ خالي ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن ته لائيو اسٽاڪ کاتو ڪروڙين روپين جي بجيٽ ڪاغذ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

سجاول جي معزز سيشن ڪورٽ قتل جي سنگين مقدمي (دفعو 302 پي پي سي) جو اهم فيصلو

دفاعي وڪيل جا عاليشان ۽ پختا دلائل ٻڌڻ بعد ملزم انتظار مرگهال (Intiza Mirgal) کي باقاعدي بري ڪري ڇڏيو

دفاعي وڪيل جا عاليشان ۽ پختا دلائل ٻڌڻ بعد ملزم انتظار مرگهال (Intiza Mirgal) کي باقاعدي بري ڪري ڇڏيو

دفاعي وڪيل، هاءِ ڪورٽ جي نامياري وڪيل عرفان گل ميمڻ ڪورٽ ۾ پنهنجا بيحد مضبوط، اثرائتا ۽ قانوني دلائل پيش

سجاول (رپوٽ:امتياز ميمڻ)سجاول جي معزز سيشن ڪورٽ قتل جي سنگين مقدمي (دفعو 302 پي پي سي) جو اهم فيصلو ٻڌائيندي، دفاعي وڪيل جا عاليشان ۽ پختا دلائل ٻڌڻ بعد ملزم انتظار مرگهال (Intiza Mirgal) کي باقاعدي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

پاڪستان پيرا ميڊيڪل اسٽاف ايسوسيئيشن 041 جي هڪ وفد پاران ضلعي ٺٽي جو اهم تنظيمي دورو

عهديدارن ۽ ميمبرن پاران مرڪزي قيادت جو مانائتو استقبال ڪري مٽن گلن جي ورکا ڪئي ويئي

جتي تنظيم جو هڪ اهم اجلاس پڻ منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ سمورن عهديدارن ۽ ورڪرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) پاڪستان پيرا ميڊيڪل اسٽاف ايسوسيئيشن 041 جي هڪ وفد پاران مرڪزي صدر شاهي خان جاگيراڻي، مرڪزي سيڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

صالح پٽ ويجهو وينجهڪو اسٽاپ پرسان مبينا جوا جو اڏو سرگرم، پوليس کان ڪارروائي جو مطالبو

جوا جي وڌندڙ سرگرمين سبب ڪيترائي خاندان معاشي ۽ سماجي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن

وينجهڪو اسٽاپ پرسان مبينا طور ضلعي سطح تي جوا جو اڏو سرگرم آهي، جتي روزانو وڏي انگ ۾ ماڻهو اچي جوا کيڏن ٿا

جوا جي اهڙين سرگرمين سبب نه رڳو ماڻهن جي مالي حالت متاثر ٿيڻ جا خدشا آهن

صالح پٽ (رپورٽ: غلام نبي ميرجت) صالح پٽ ويجهو وينجهڪو اسٽاپ پرسان مبينا طور سرعام جوا هلڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن، جتي پري پري کان جوارين جي اچڻ ۽ وڏي پيماني تي جوا کيڏڻ جون خبرون آهن. علائقي واسين / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ست پاڳي چار جي اگئي مڪان مان نوجوان يامين شورو گذريل هڪ هفتي کان پراسرار نموني گم، سندس وارث سخت پريشان

گهڻي ڳولا باوجود نوجوان جي هٿ نه اچڻ تي وارثن ڪيس اغوا ڪرڻ جو شڪ ظاهر ڪندي گم ٿي ويل نوجوان جي ڳولا توڙي مبينا بازيابي ۾ مدد جي اپيل ڪري ڇڏي

ٺٽي لڳ يوسي ڏوماڻي جي ٻگهاڙ موري لڳ ڳوٺ حاجي محمد علي شورو جي رهواسي پيرسن شفيع محمد شورو ٺٽي پهچي صحافين اڳيان احتجاج

ڪوهستان 7/4 جنگشاهي ۾ پنهنجي ڪوهستاني زمين تي ڪم ڪار ڪرڻ دوران پراسرار طور گم ٿي ويو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي جي ڪوهستان علائقي جنگشاهي ويجهو ست پاڳي چار جي اگئي مڪان مان نوجوان يامين شورو گذريل هڪ هفتي کان پراسرار نموني گم، سندس وارث سخت پريشان، گهڻي ڳولا باوجود نوجوان جي هٿ نه ا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

مٺي ۾ گهر مان نوجوان جو لاش هٿ

مٺي (ڊ-ر محمدرحيم مگريو) مٺي شهر ۾ 21 ورهين جي نوجوان مجيد نهڙي ولد رمضان نوهڙي جو لاش مٺي ۾ سنڌس گهر جي ڪمري مان پنکي سان ٽنگيل حالت ۾ هٿ آيو. اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال مٺي منتقل ڪري ڇڏيو. پوليس موجب فوتي نوجوان مٺي ۾ گهر ۾ ر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

رٽائرڊ ٿيل سمورا ملازم سخت پريشان آهن، جن پاران ٺٽي پهچي سخت احتجاج

رٽائرڊ ٿيندي 6 کان 10 سال گذري ويا آهن، پر ڪين اڃان تائين رٽائرڊ مينٽ، گريجوئٽي سميت ڪا به ادائگي ناهي ڪئي ويئي

ڪجهه رٽائرڊ ٿيل ملازم پئسا نه هجڻ ڪري هو پنهنجو بهتر علاج نه ڪرائڻ ڪري بيماري سبب فوت ٿي ويا آهن

ڪافي ملازمن کي پئسا نه ملڻ ڪري هو پنهنجي نياڻين جون شاديون به ڪرائي ناهن سگهيا

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ميونسپل ڪميٽي ٺٽي جي ڪيترن ئي رٽائرڊ ٿيل سينيٽري ورڪر ملازمن پاران ڪين رٽائرڊ ٿيندي 5 سال کان وڌيڪ وقت گذرڻ باوجود ڪين اڃان تائين گريجوئٽي سميت ڪا به ادائگي تي ناهي سگهي، جنهن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ اوور سائيٽ ڪميٽي جو اجلاس

ڊسٽرڪٽ اوور سائيٽ ڪميٽي (DOC) براءِ ريگولر مرمت ۽ بحالي (M&R)، ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن ٺٽي جو اهم اجلاس منعقد ٿيو

جنهن ۾ ضلعي جي مختلف سرڪاري اسڪولن جي زبون حالي، مرمت ۽ بحالي سميت شاگردن کي درپيش تعليمي سهولتن بابت معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ اوور سائيٽ ڪميٽي جو اجلاس، زبون حال اسڪولن جي مرمت ۽ بحالي جو جائزو _ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳٽ جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ اوور سائيٽ ڪم/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ٽنڊو محمد خان: ڳوٺ سليمان سومرو ۾ ايس ٽي پي اڳواڻ جي گهر تي مبينا پوليس چڙهائي خلاف احتجاج، شٽربند هڙتال جو چتاءُ

سنڌ ترقي پسند پارٽي تعلقي بلڙي شاهه ڪريم جي صدر محمد عثمان سومرو جي گهر تي مبينا پوليس چڙهائي خلاف ايس ٽي پي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران سخت احتجاج

احتجاج ڪندڙن پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ۽ پوليس خلاف سخت نعريبازي

ٽنڊو محمد خان(رپورٽ حبيب شيخ) ٽنڊو محمد خان: ڳوٺ سليمان سومرو ۾ ايس ٽي پي اڳواڻ جي گهر تي مبينا پوليس چڙهائي خلاف احتجاج، شٽربند هڙتال جو چتاءُ،ٽنڊو محمد خان ضلعي جي ڳوٺ سليمان سومرو ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي تعلقي بلڙي شاهه ڪريم جي صدر محمد عثمان سومرو جي گهر تي مبينا پوليس چڙهائي خلاف ايس ٽي پي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ڏوڪري ۾ محتسب اعليٰ جي کليل ڪچهري، شهرين جون مختلف کاتن خلاف شڪايتن جا انبار

ڏوڪري ۾ لاڙڪاڻي جي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ زاهد حسين ٻرڙو ٽائون ڪاميٽي ۾ کليل ڪچهري

جتي شهرين پاران تعليم، آبپاشي، روينيو، صحت واپڊا پاپوليشن ۽ ٻين کاتن خلاف شڪايتون پيش ڪيون ويون

ڏوڪري(رپورٽر)ڏوڪري ۾ محتسب اعليٰ جي کليل ڪچهري، شهرين جون مختلف کاتن خلاف شڪايتن جا انبار تفصيل موجب ڏوڪري ۾ لاڙڪاڻي جي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ زاهد حسين ٻرڙو ٽائون ڪاميٽي ۾ کليل ڪچ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

دادو پريس ڪلب جي ڪريل ڇت جو انفارميشن کاتي جي آفيسر قمرزمان پاران معائنو، زخمي صحافين سان عيادت

هن ڇت ڪرڻ سبب زخمي ٿيل صحافين سان عيادت ڪري سندن صحت بابت پڻ معلومات ورتي

دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ انفارميشن کاتي جي آفيسر قمرزمان کي واقعي بابت تفصيلي بريفنگ

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو پريس ڪلب جي ڪانفرنس هال جي ڇت ڪرڻ واري افسوسناڪ واقعي بعد انفارميشن کاتي جي آفيسر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ٽنڊوآدم شهر ۾ گداگري جو رجحان وڌڻ سبب مختلف مصروف هنڌن تي شهري پريشان

مارڪيٽن، بينڪن، چوڪن، هوٽلن،ٽرڪ اڏن بس اڏن ۽ ٻين عوامي هنڌن تي گداگر شهرين کان پئسا طلب ڪن ٿا

ڪجهه هنڌن تي مسلسل اسرار ڪرڻ جون شڪايتون پڻ سامهون اچي رهيون آهن. شهري

ٽنڊوآدم (رپورٽرمشتاق مينگل) ٽنڊوآدم شهر ۾ گداگري جو رجحان وڌڻ سبب مختلف مصروف هنڌن تي مردن، عورتن ۽ ٻارن سميت گداگرن جي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ڊاڪٽر عمران خان جي برداشت ۽ انسان دوست قيادت ساراهه جوڳي آهي: محمد سچل وڏو

ايش ويلفيئر ايسوسيئيشن ۽ بهار فائونڊيشن گڏجي صحت ۽ انسانيت جي خدمت جاري رکندا ڊاڪٽر عمران خان

مون بار بدران هر هنڌ بهار فائونڊيشن، خدمات بدران خدمتون، ۽ معزز اردو انداز بدران سنڌي اخبار وارو انداز رکيو آهي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڊاڪٽر عمران خان جي برداشت ۽ انسان دوست قيادت ساراهه جوڳي آهي: محمد سچل وڏو ايش ويلفيئر ايسوس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

دادو پوليس جون منشيات سپلائرز خلاف ڪارروايون، وڏي مقدار ۾ گٽڪا ۽ ڇاليه هٿ، 2 جوابدار گرفتار

دادو پوليس جون منشيات سپلائرز خلاف ڪارروايون، وڏي مقدار ۾ گٽڪا ۽ ڇاليه هٿ، 2 جوابدار گرفتار

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه) اي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس سٽيزن شادي هال پرسان ڪارروائي ڪندي دادو شهر طرف ايندڙ گٽڪا ڇاليه سان پري/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

دادو پريس ڪلب جي ڇت ڪرڻ جو واقعو: پ پ ايم پي اي بئريسٽر پير مجيب الحق جو اهم اعلان

ماهرن کان معائنو ڪرائي سڄي عمارت جي مضبوط مرمت ڪرائڻ جو فيصلو

امتياز پنهور، عبدالڪريم لغاري، طاهر لغاري، عالم ميمڻ، عبدالڪريم زنئور ۽ ٻيا موجود هئا

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو پريس ڪلب جي ڪانفرنس هال جي ڇت ڪرڻ سبب 9 صحافي زخمي ٿيڻ واري افسوسناڪ واقعي کان پوءِ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ڇاڇرو جي ڳوٺ ڇاپر دين شاهه جي رهواسي پورهيت جو بااثرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

ڳوٺ جي بااثرن جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، منهنجو وهنوار اوڌر پئسا واپسيءَ گهرڻ تي بااثر منهنجي جان جا دشمن بڻجي ويا آهن

جنهن خلاف ۽ پنهنجي تحفظ ۽ انصاف لاءِ مون ڪينسر پوليس ٿاڻي ۽ ڊي ايس پي ڇاڇرو کي درخواستون پڻ ڏنيون آهن

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو)ڇاڇرو جي ڳوٺ ڇاپر دين شاهه جي رهواسي پورهيت جو بااثرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج. تحفظ ۽ انصاف جو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

سمورا لاڳاپيل ادارا گڏيل رابطي ۽ مربوط حڪمت عملي تحت پنهنجو ڪردار ادا ڪن: ڊي سي

ضلعي رابطا ڪميٽي جي (TORs) موجب لاڳاپيل کاتا پنهنجون ذميواريون مؤثر نموني نڀائين

ضلعي جي مجموعي ترقي ۽ بهتري لاءِ گڏيل سهڪار کي يقيني بڻائين

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد دانش ذاڪر چيو آهي ته ضلعي ۾ سماجي هم آهنگي، عوامي ڀلائي، مڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

سدابهار هائوس ’تي آرگينڪ ايگريڪلچر فارم تي جاپان جي اعليٰ سطحي وفد دورو

وفد کي فارم ۾ مختلف فصلن جي پوک، جديد زرعي طريقن ۽ بي ضرر آرگينڪ ڀاڻ جي تياريءَ بابت تفصيلي برفنگ ڏني وئي

مختلف فصلن لاءِ قدرتي ۽ آرگينڪ ڀاڻ ڪيئن تيار ڪئي ويندي آهي

اڏيرولعل (رپورٽ ثاقب نور ساهووال) اڏيرولعل لڳ ڳوٺ نوبت مري ۾ قائم ’سدابهار هائوس’ تي آرگينڪ ايگريڪلچر فارم تي جاپان جي اعليٰ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي صدارت هيٺ اهم گڏجاڻي

ضلعي ۾ نيشنل ايڪشن پلان تي اثرائتي نموني هر صورت عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي

سمورا لاڳاپيل ادارا پنهنجيون ذميواريون مڪمل سنجيدگي، گڏيل رابطي ۽ مربوط حڪمت عملي تحت سرانجام ڏين

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي صدارت هيٺ ڪانفرنس هال مٺي ۾ سوشيو پوليٽيڪل ڊومي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

اي ايس پي (يوٽي) عبدالرب شاهه جي نگراني ۾ ڊي ايس پي آفيس تعلقه شجاع آباد ڪمپليڪس ۾ هڪ کلي ڪچهري جو انعقاد

پوليس اسٽيشن ميرواهه گورچاڻي قربان علي راڄڙ، ايس ايڇ او تعلقه پوليس اسٽيشن مجيب الرحمان، اي ايس آءِ اڪبر علي لغاري ۽ ٻيا پوليس آفيسر پڻ ان موقعي تي موجود هئا

مختلف علائقن مان شهري کلي ڪچهري ۾ شرڪت ڪئي ۽ پوليس آفيسرن کي پنهنجن مسئلن، شڪايتن ۽ مختلف قسمن جي مسئلن بابت آگاهي ڏني

کلي ڪچهري دوران، ميرواهه گورچاڻي، ڪنيڙي، ڀڳت ڳوٺ ۽ ٻين علائقن جا شهري منشيات جي اسمگلنگ ۾ ملوث آهن

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ڊي آءِ جي ميرپورخاص رينج فيصل عبدالله چاچڙ ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص ساجد امير سدوزئي جي هدايتن تي، عوامي مسئلن کي فوري طور تي حل ڪرڻ، شهرين جي شڪايتن کي ٻڌڻ ۽ پولي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

سيد علي نواز شاهه: ميرپورخاص جي ترقي، عوامي خدمت ۽ وفاداري جي هڪ لازوال ڪهاڻي

عوامي ڀلائي، سخت ترين ڪورونا وبا ۾ بي مثال امدادي قدمن ۽ تاريخي ترقياتي ڪمن سيد علي نواز شاهه کي ماڻهن جي دلين ۾ هميشه لاءِ زنده رکيو آهي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ويجهن ۽ مخلص ساٿين مان هڪ هو

اڄ به هن هنڌ جي رهواسين لاءِ سونهري دور سمجهيو ويندو آهي. هن هميشه سياست کي عبادت سمجهيو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) سيد علي نواز شاهه: ميرپورخاص جي ترقي، عوامي خدمت ۽ وفاداري جي هڪ لازوال ڪهاڻي عوامي ڀلائي، سخت ترين ڪورونا وبا ۾ بي مثال امدادي قدمن ۽ تاريخي ترقياتي ڪمن سيد علي نواز /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ نيشنل ايڪشن پلان بابت ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جو اجلاس

ضلعي اندر مختلف غير قانوني سرگرمين خلاف ڪنيل قدمن ۽ انتظامي معاملن تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو

نفاذ ۽ غير قانوني نان ڪسٽم پيڊ گاڏين خلاف ڪارروائين بابت اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو

نوابشاهه (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي جي صدارت هيٺ نيشنل ايڪشن پلان ايپيڪس ڪميٽي جي حوالي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

سيوهڻ ۾ سنڌ گورنمنٽ طرفان سيوهڻ بيوٽي فڪيشن پلان سيوهڻ شهر کي خوبصورت بڻائڻ لاءِ ڏنو

گذريل ڪيترن مهينن کان بيوٽي فڪيشن پلان جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي، پر هن مهل تائين اهو ڪم مڪمل ٿي نه سگهيو

بيوٽي فڪيشن پلان جي ڪم شروع ٿيڻ سان سيوهڻ شهر ۾ سئي گئس جي سپلاءِ شهرين جي لاءِ بند ڪئي وئي

جيڪا گذريل ڪيترن مهينن کان بند ڪئي وئي آهي، جنهن سان سيوهڻ شهر جي عوام کي جاني طوڙي مالي نقصان پهچي رهيو آهي

سيوهڻ (رپورٽر)سيوهڻ بيوٽي فڪيشن پلان ۽ سيوهڻ جي عوام جا اهنج سيوهڻ ۾ سنڌ گورنمنٽ طرفان سيوهڻ بيوٽي فڪيشن پلان سيوهڻ شهر کي خوبصورت بڻائڻ لاءِ ڏنو ويو آهي. پر گذريل ڪيترن مهينن کان بيوٽي فڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مالي مدد کان محروم عورتن لاءِ سروي جو عمل شروع

عورتون پنهنجي ساڻ شناختي ڪارڊ، پنهنجو موبائل فون نمبر ۽ بي فارم ضرور وٺي اچن

انڪم سپورٽ پروگرام آفيس مڪلي جو عملو رجسٽريشن جي عمل ۾ عورتن سان مڪمل سهڪار ۽ رهنمائي ڪرڻ جو پابند آهي

انڪم سپورٽ پروگرام آفيس مڪلي جو عملو رجسٽريشن جي عمل ۾ عورتن سان مڪمل سهڪار ۽ رهنمائي ڪرڻ جو پابند آهي

ٺٽو(رپورٽر) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مالي مدد کان محروم عورتن لاءِ سروي جو عمل شروع، مستحق عورتون رابطو ڪن: ميڊم طاهره پيچوهو ٺٽو: تفصيل موجب ڊسٽرڪٽ ڊائريڪٽر بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ٺٽو محترمه /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب24

GOOD NEWS
DynamicSurvey
REGISTER NOW
BISP
Benazir Income Support Programme
مستحق عورتن جي سهانتا، هڪ بهتر مستقبل
بينظير انڪم سپورٽ پروگرام
ٺٽو سان لاڳاپيل يو سيز جو ڊائنامڪ رجسٽريشن سروي

سانگهڙ ۾ شراب جي ڀٽين تي ڇاپا. 16 منشيات فروشن خلاف ڪاروائي

ڪاروائي دوران 05 پينٽ ۽ 04 ڪوآٽر وسڪي، 280 ليٽر شراب ۽ گٽڪي جون 669 پڙيون هٿ

منشيات فروشن ۽ ڏوهاري عناصرن خلاف مختلف ٿاڻن تي ڪاروايون ڪيون ويون آهن

ايس ايڇ او پيرومل حاجي محمد اسحاق سنگراسي شراب ٺاهڻ وارين ڀٽين تي ڇاپا هڻي ڀٽين کي ڊاهي پٽ ڪيو

سانگهڙ (رپورٽر)سانگهڙ ۾ شراب جي ڀٽين تي ڇاپا. 16 منشيات فروشن خلاف ڪاروائي دوران 05 پينٽ ۽ 04 ڪوآٽر وسڪي، 280 ليٽر شراب ۽ گٽڪي جون 669 پڙيون هٿ. قتل جي ڪيس ۾ گرفتار جوابدار وٽان TT پسٽل هٿ. سانگه/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ڳوٺ حاجي علو ساهووال جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيا، رهواسين جو احتجاج

ڳوٺ ۾ ڊگهي عرصي کان بنيادي مسئلا موجود آهن، پر اڄ ڏينهن تائين انهن جي حل لاءِ عملي قدم نه کنيا ويا آهن

ڳوٺ ۾ بجلي جو مناسب نظام، گئس، پيئڻ جي صاف پاڻي، فلٽر پلانٽ ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ آهي

روڊ، رستا ۽ گهٽيون به ٽٽل حالت ۾ آهن. ڳوٺ ۾ پڪين گهٽين ۽ پيور بلاڪ جي سهولت پڻ موجود ناهي

عثمان شاهه هڙي (رپورٽ: ثاقب نور ساهووال) عثمان شاهه هڙي ويجهو ڳوٺ حاجي علو ساهووال جي رهواسين بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪندي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو آهي ته ڳوٺ ۾ ڊگهي عرصي کان بنيادي مسئلا موجود آهن. پ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب26

يو اين هيبيٽيٽ جي ڊائريڪٽرن ۽ لاڳاپيل عملدارن منگهوپير ٽائون چيئرمين سان ملاقات

وفد کي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي آفيس آمد تي ڀليڪار ڪيو ۽ يونين ڪميٽي 1 ۾ جاري ترقياتي ڪمن بابت تفصيلي بريفنگ

ڪيترائي منصوبا مڪمل پڻ ٿي چڪا آهن ۽ باقي منصوبن تي پڻ تيزي سان ڪم جاري آهي، جيڪي جلد مڪمل ٿيڻ جي مرحلي ۾ آهن. حاجي نواز علي بروهي

شهرين کي بهتر بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ مقامي سطح تي شهري انفرااسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) يو اين هيبيٽيٽ جي ڊائريڪٽرن ۽ لاڳاپيل عملدارن ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي آفيس ۾ ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران خاص طور يونين ڪميٽي 1 ۾ يو اين هيبي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ڪراچي: يو اين هيبيٽيٽ جي ڊائريڪٽرن ۽ لاڳاپيل عملدارن منگهوپير ٽائون چيئرمين سان ملاقات ڪندي